بسم الله الرحمن الرحيم

الصلوٰة والسلام عليك يارسول الله

مجموعه
دعوت فضليه

سلسله خاندان نقشبنديه مجدديه

درگاهه نبي آباد

باگڙجي ضلع سکر سنڌ

Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ
سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۶۹﴾

۽ جيڪي ماڻھو ڪوشش ڪن ٿا الله جي واٽ ۾ اسان انهن کي
پنهنجون واٽون ڏيکاريندا آهيون ۽ بيشڪ الله ڀلارن سان گڏ آهي

سلسلہ شريف خاندان حضرات نقشبنديه مجدديه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ !

هي ڪتاب

مجموعهِ دعواتِ فضليه

تصنيف ڪيل

خادم العلماءِ والصلحاءِ فقير حقير عاجز
خاڪسار ذره بي مقدار لاشيءِ

خواجه نبي بخش

نقشبندي مجددي فضلي حنفي

وينٽل باگڙجي ضلع سکر سنڌ

سال 2015ع بمطابق 1435 هجري

Scanned with CamScanner

فهرست

نمبر	مضمون	صفحو
1.	پيش لفظ	02
2.	قلب جي صفائي ۽ باطن جي درستي جي ضرورت	04
3.	السلسله الشريف بلسان عربي مبين	11
4.	السلسله شريف ابيات (سنڌي)	13
5.	التجا بدرگاھہ قاضي الحاجات	17
6.	فصل پهريون: ذڪرن ۽ مراقبن ۽ شغلن جي بيان ۾	18
7.	ختمه جميع خواجگان نقشبنديه مجدديه	27
8.	بيان آداب شيخ : فصل پهريون آداب	31
9.	آداب سالڪ	32
10.	شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت	46
11.	بيعت	48
12.	دل جي سياهي جي نشاني	49
13.	نصيحت	50
14.	ٻئي ماڻهوءَ جي حال معلوم ڪرڻ جي ترتيب	51
15.	ميت جو معلوم ڪرڻ	51
16.	دعائون سعادت	51
17.	عمليات مجموعہ فضليه	58
18.	بند خلاص ۽ مشڪل آسان لاءِ علاج	68
19.	زال مڙس جي محبت لاءِ	69

Scanned with CamScanner

پيش لفظ

هي مجموعہ فضليہ سائين حضرت خواجاءِ خواجگان خواجہ محمّد نبي بخش فضلي نقشبنديؒ صاحب جن پنهنجن محبن، عزيزن، قريبن، فقيرن ۽ درويشن جي محبت لاءِ ۽ اَبوجهن مريدن ۽ نقشبنديہ طريقہ وارن جي اصلاحي عزت لاءِ پنهنجي جذبہ حيات ۽ جذبہ عقيدت سان محنتون ۽ ڪوششون ڪري هي درس شايع ڪيو آهي! پڙهندڙن تي واجب آهي تہ سندن حق ۾ مغفرت ۽ شفقت لاءِ دعا گهرن تہ الله هن بزرگ کي عزت و مغفرت عطا فرمائي ۽ جملہ مؤمنين کي حق جي راهہ تي قائم رکي باطل جي هر بلا بيماري کان پناهہ ۾ رکي! آمين.

گر همی خواهی کہ گردی در دو عالم ارجمند
دائما باشی غلام خاندان نقشبند۔

(جيڪڏهن گهرين تہ ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿيان
تہ غلام نقشبند خاندان جو هميشہ رهہ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قلب جي صفائي ۽ باطن جي درستيءَ جي ضرورت

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ شَرَحَ صُدُوْرَ الْعَارِفِيْنَ بِاَسْرَارِهٖ وَنَوَّرَ قُلُوْبَ السَّالِكِيْنَ بِاَنوَارِهٖ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی مَنْ اَرْسَلَهٗ دَاعِيًا اِلَيْهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ۞ وَّ مُبَشِّرًا لِلْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِنَ اللّٰهِ فَضْلاً كَبِيْرًا.

اما بعد فقيز حقير لاشيءِ نبي بخش حنفي.نقشبندي مجددي فضلي عفي الله عنه فرمائين ٿا تہ پڙو حديث نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي: عَنْ اَبِيْ هريرةَ قَالَ قَالَ رَسُول الله ﷺ اِنَّ اللّٰهَ لَايَنظُرُ اِلٰى اَجْسَامِكُمْ وَلَااِلٰى صُوَرِكُمْ وَلٰكِنْ يَنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ- (رواه مسلم)

ترجمو: حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو جناب رسول الله ﷺ تہ حق تعاليٰ نہ ڏسي توهان جي جسمن کي نہ ڪي اوهان جي صورتن ڏي، پر ڏسي ٿو اوهان جي دلين ڏي مطلب هيءُ آهي تہ الله تعاليٰ اهڙي عمل کي قبول نہ ٿو فرمائي جو فقط ظاهر ۾ چڱو معلوم ٿئي، پر باطن ۾ اخلاص ۽ توجهہ قلبيءَ کان خالي هجي. مثلاً ڪوئي ماڻهو عبادت ڪري، ظاهر ۾ تہ عبادت ڪري ۽ دل ۾ غفلت هُجيس. يعني اها تميز نہ هجي تہ مان خدا جي سامهون بيٺو آهيان يا ڪو پيو ڪم ڪري رهيو آهيان تہ اهڙو عمل قبول نہ ٿو ٿئي. اُن مان هيءُ غرض آهي تہ ظاهري

عمل تي هرگز اعتبار نہ آهي، مگر اعتبار هن شرط سان آهي تہ توجهہ ۽ اخلاص قلبي بہ ان سان گڏ هجي، جيئن قرآن ۽ حديث ۾ ثابت آهي تہ قلب خاص جاءِ نظرِالٰهي آهي جيئن ظاهري تشريح سان ان کي سُلطان البدن جو شرف حاصل آهي تيئن روحاني ۽ باطني تشريح ۾ بہ مَلکُ الجوارح هجڻ جو فخر گڏ آهي. جيستائين ان جي حالت درست نہ هوندي تيستائين ڪائي صورت فلاح ۽ نجات جي حاصل ٿي نہ ٿي سگهي، مثلاً ظاهر ۾ مسلمان هجي ۽ دل سان نہ هجي تہ ان جي اسلام جو خداوند ڪريم وٽ ڪجهہ اعتبار نہ آهي. علیٰ هٰذا القياس ڪو محض ڏيکاءَ يا ڪنهن غرض فاسد لاءِ نماز صدقہ وغيره عبادات ڪري تہ اها ڪنهن بہ درجي ۾ شمار نہ آهي. تنهنڪري معلوم ٿيو تہ فلاح وارين ۽ مقبول عندالله جو دارومدار اصلاح قلب تي آهي. ماڻهن ان ۾ اڄ ڪلهہ وڏي ڪوتاهي ڪري ڇڏي آهي. فقط ظاهر اعمال ڪجهہ ٿورو گهڻو ڪن ٿا ۽ ان جو علم بہ حاصل ڪن ٿا مگر باطني ۽ قلب جي درستي ۽ اصلاح جو ڪجهہ بہ فڪر نٿا ڪن. گويا هن طرح خيال ڪن ٿا تہ اصلاح باطن ۽ ريا حسد وغيره جو علاج ۽ ان کان محفوظ هجڻ ضروري نہ آهي. فقط ظاهري اعمال کي واجب سمجهن ٿا ۽ ان کي نجات لاءِ ڪافي خيال ڪن ٿا حالانڪہ اصلي مقصود اصلاح قلب آهي، جڏهن باطني حالت درست ٿئي ٿي تہ ظاهري اعمال بہ چڱي طرح ادا ٿين ٿا. هتي ڪو بي عقل هيءَ شبهہ نہ ڪري تہ ظاهري اعمال جي فقط انهيءَ وقت تائين حاجت آهي جيستائين قلب جي حالت درست نہ ٿي ٿئي جڏهن قلب درست ٿي ويو تہ پوءِ ظاهري اعمال جي ڪجهہ بہ ضرورت نہ آهي، خواهہ ڪجي يا نہ ڪجي اهو عقيدو ڪفر آهي ۽ ان جي باطل هجڻ جو وجهہ هي آهي تہ جڏهن قلب درست ٿي ويندو تہ اهو حتي

المقدور هر وقت طاعت الٰهيءَ ۾ مصروف رهندو ۽ هيءَ علامت آهي ان جي درست هجڻ جي ڇاڪاڻ تہ مقصود اصلاح قلب جو هيءَ آهي جو طاعت الٰهي هجي ۽ ان جو شڪر ڪيو وڃي ۽ پروردگار جي نافرماني ۽ ناشڪري نہ هجي ۽ نماز روزه وغيره جو طاعت الٰهي ۾ داخل هجڻ وڏيڪ ظاهر آهي تہ جڏهن هي طاعت ڇڏي ويٺي تہ قلب ڪٿان درست ٿيو. اگر درست هجي ها تہ شب و روز مثل اولياءِ ڪرام ۽ انبياءِ عليهم السلام جي طاعت الٰهي ۾ ضرور مصروف هجي ها. ڇا نعوذ بالله ڪنهن بي عقل ۽ احمق کي هي وسوسو ٿي سگهي ٿو تہ هئي ڪنهن جو قلب جناب سرور عالم ﷺ جي قلب مبارڪ کان وڌيڪ صاف ۽ صالح آهي؟ جنهن کي عبادت ظاهري جي حاجت نہ آهي حضور ﷺ تہ باوجود اڪمل الڪاملين وَافضل المرسلين هجڻ جي ايتري قدر ظاهري اعمال ۾ مصروف هوندا هئا جو ڏسڻ وارن کي بہ رحم اچي ويندو هو ۽ حياتيءَ تائين اها حالت رهي سندن هي ڪيفيت حديث جي ڪتابن ۾ چڱي طرح مذڪور آهي ۽ مشهور آهي. لهٰذا مسلمانن کي لازم آهي تہ ظاهر ۽ باطن کي ڪامل طور اصلاح ڪري اهوئي ذريعو نجات جو آهي ۽ رڳو ظاهري اعمال کي بغير درستي باطن جي نجات لاءِ ڪافي نہ سمجهي اگر ڪو شخص نماز پڙهي ۽ نيت هجيس تہ ماڻهو مون کي بزرگ سمجهن ۽ تعريف ڪن تہ ڇا هُو عذاب کان بچي ويندو؟ حالانڪ نماز تہ اهڙو عمل آهي جو اگر ڪوئي ان کي باقاعده ۽ اخلاص سان محض الله واسطي ادا ڪري تہ ان عذاب کان بچي وڃي جو ترڪ نماز ٿئي ٿو ۽ ثواب بہ حاصل هجي، مگر افسوس جو ان شخص بَوجهہَ مرض ريا ۽ حب ثنا جي ان نماز کي برباد ڪري ڇڏيو تنهن ڪري انهن ماڻهن کي گهرجي تہ ان

Scanned with CamScanner

مرض جو علاج ڪرائين نہ تہ عنقريب سخت حلاڪت ۾ مبتلا ٿي ويندا, ڇاڪاڻ تہ مرض وڌندو رهندو ۽ علاج ٿيندو ئي ڪين ظاهر آهي تہ انجام هلاڪت ٿيندي ڄاڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جل جلاله انسان جي وجود ۾ بہ بيماريون خلقيون آهن هڪ جسماني ٻي روحاني جيئن جسم جي بيماري ڪري انسان جو بدن تڪليف ۾ ورتل ۽ بيڪار ٿو ٿئي, تيئن مرض روحاني جو تعلق خاص دل سان آهي, جيئن رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ جڏهن بندو گناهہ ٿو ڪري تہ ان جي دل تي ڪارو نقط لڳايو وڃي ٿو. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: كَلَّا بَلْ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٤﴾ يعني زنگ لڳايو وڃي ٿو انهن جي دلين تي براين جو. ان زنگ جو نالو آهي دل جي بيماري جڏهن اها گناهن جي ڪثرت ڪري وڌي وڃي ٿي تہ دل انسان جي بيمار ۽ بيڪار ٿي پوي ٿي انهي حد تائين جو ان کي پنهنجي گناهن جو ڪوبہ شرم حياءُ نہ ٿو رهي. حديث شريف ۾ آهي تہ: مَا خَلَقَ اللّٰهُ دَاءً خَلَقَ لَهٗ دَوَاءً جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن بيماريءَ کي پيدا ڪيو آهي تہ ان سان گڏ دوا کي بہ پيدا ڪيو آهي ۽ مرض قلب جي لاءِ باري تعاليٰ پنهنجو ذڪر فرمايو آهي: اِلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ﴿٢٨﴾ الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ سان دل قرار ٿي وٺي. هيءَ آيت ذڪر رباني ۽ قلبي سان شامل آهي فرمايو آهي باري تعاليٰ تہ: يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا - اي ايمان وارؤ ذڪر ڪريو الله جو گهڻو ۽

Scanned with CamScanner

فرمايو آهي ياد ڪريو الله کي اُٿي ويهي، سمهي گهمي هر حالت ۾ ذڪر جي فضيلت تمام وڏي آهي. عَنَ عائِشَةِ قالَت كَانَ رَسُول الله ﷺ يَذۡكُرُ اللّهَ عَلىٰ كُل اَحۡيَانِهٖ: بيبي عائشه صديقه رضي الله فرمايو ته حضور جن هر حالت ۾ ذڪر ڪندا هئا. انهيءَ مان مراد ذڪر قلبي آهي بعضي حالت ذڪر لساني ممنوع آهي الله تعاليٰ جي ذڪر کان غافل مثال مرده جي آهي ۽ ذڪر ڪرڻ وارا مثال جيئري جي آهي ۽ فرمايو آهي باري تعاليٰ:وَمَنۡ اَعۡرَضَ عَنۡ ذِكۡرِىۡ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيۡشَةً ضَنۡكًا وَّنَحۡشُرُهٗ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ اَعۡمٰى ﴿۱۲۴﴾ يعني جنهن منهنجي ذڪر کان منهن ڦيرايو ته ان جي زندگي بلڪل تنگ ڪئي ويندي ۽ اٿاريو ويندو ان کي ڏينهن قيامت جي انڌو ڪري. مَنۡ كَانَ مَشۡغُوۡلٌ فِي الدُّنۡيا بِنَفۡسِهٖ فَهُوَ مَشۡغُوۡلٌ فِي الاٰخِرَةِ بِنَفۡسِهٖ جو شخص دنيا ۾ پنهنجي نفس سان مشغول آهي اهو آخرت ۾ به پنهنجي نفس سان مشغول هوندو جو دنيا ۾ پنهنجي رب سان مشغول آهي اهو آخرت ۾ به پنهنجي رب سان مشغول هوندو. مَنۡ جَلَسَ وَتَفَكَّر ساعةٍ خَيۡرٌ مِنۡ عِبَادَةِ الثَقۡلَيۡنِ يعني ويهي هڪ گهڙي فڪر ڪري ذڪر جو اهو جنن ۽ انسانن جي عبادت کان وڌيڪ آهي. اَلدُّنۡيا تَاكُلُ اۡلاِيۡمَانَ كَمَا تَاكُلُ النَّارُ الحَطبَ يعني دنيا ايمان کي ائين ٿي کائي جيئن سڪي ڪاٺي کي باهه کائي. جڏهن طالب الله

Scanned with CamScanner

طلب الهٰي جي خاطر دنيا کي ترڪ ڪري ٿو تہ نفس ان جو مري وڃي ٿو ۽ جو ڪجھ مال متاع ۽ ذر نقد ان جي ملڪيت آهي اهو سڀ خدا جي راھ ۾ صرف ڪري ڇڏي ٿو ۽ فقر محمدي ۾ اختياري قدم رکي ٿو ان جي دل ۾ محبت الهٰي ۽ ذوق شوق پيدا ٿئي ٿو ان ڏينهن الله تعاليٰ انبياءَ اصفياءِ اولياءَ مؤمن مسلمان غوث قطب ابدال اوتار ۽ اٺارهن هزار عالم ۽ جو ڪجھ زمين آسمان تي آهي سڀ کي فرمائي ٿو تہ پنهنجي هڪ دوست دنيا مردار جي پليتي کي ڇڏي ڏنو آهي، توهان سڀ انهيءَ جي زيارت لاءِ وڃو ۽ لباس منهنجي دوست جو پهريو. ڇاڻ گهرجي تہ ترڪ الدينا والآخرت جي اها مراد نہ آهي تہ اهل عيال ڇڏي ۽ دنيائي امور ڇڏي جهنگ منهن ڪري جهنگ ۾ گذارجي مگر اهل عيال ۽ دنيائي امور سان بقدر ضرورت تعلق رکجي راهگذر مسافر وانگر عمل ڪجي سواءِ ذات باري تعاليٰ جي ٻئي ڪنهن بہ محب کي دل ۾ دخل نہ ڏجي اگرچہ ڪنهن ٻئي جو دل ۾ دخل هجي تہ ڪلمو لاَ سان ان کي نفي ڪري خدا جي ذات کي اِثبات ڪري ۽ جيتري قدر ٿي سگهي صحبت بد کان بچجي. اڪثر صحبت بد کان گناهن جي ڪثرت ٿيندي آهي ۽ گناهن جي ڪثرت سبب دل سياھ ٿي وڃي ٿي. هن زماني ۾ ماڻهن جي دل ايتري تہ سياھ ٿي چڪي آهي جو انهن جي سامهون ڪيترائي لک هزار دفعا قرآن شريف پڙهيو وڃي تہ ذري پر اثر نہ ٿو ٿئي. حالانڪ هي اهو قرآن آهي. جنهن جي متعلق الله جلشانه ارشاد فرمايو آهي: تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ - يعني اسان اهڙو ڪتاب نازل ڪيو آهي. جو ماڻهو خدا کان ڊڄن ٿا ۽ انهيءَ قرآن جي پڙهڻ سان انهن

جي جسم جا وار ڪاندارجي وڃن ٿا. نعوذ بالله ائين چئي نٿو سگهجي ته هاڻي قرآن ڪريم جي اندر اها تاثير ڪونه آهي. بلڪ، ان جو تاثير ته دنيا ۾ قيامت تائين قائم ۽ باقي رهندو. فقط هي قصور انسانن جي دلين جو آهي جيئن ته هڪ خوبصورت آدمي اڳيان آئينه رکجي ۽ ان جي صورت انهيءَ آئيني جي اندر پوري ڏسڻ ۾ نه اچي بلڪ ڏنگي ڦڏي ڏسڻ ۾ اچي ته درحقيقت ان خوبصورت ماڻهوءَ ۾ نقص نه چئبو بلڪ نقص ان شيشي جو چئبو انهيءَ طرح قرآن شريف ته اهوئي قرآن آهي، جو اول هو فقط ماڻهن جي دلين جي حالت خراب ٿي چڪي آهي، جنهن ڪري انهن تي اثر نٿو ٿئي. هاڻي ته سلسله نبوت ختم ٿي چڪو آهي، حضور ﷺ فرمايو آهي ته مون کان پوءِ ڪو نبي نه ٿيندو ته هن ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه آهي. انسان کي گهرجي ته ڪنهن باخدا حڪيم وٽ دل جو تصفيه ڪرائي ۽ هي بغير بيعت جي نهايت مشڪل آهي، بيعت هڪ نهايت ضروري شيءِ آهي اڄ ڪلهه جو اسلام غير مذهب اختيار ڪري رهيا آهن، مذهب باطل ۾ ٿيندا ٿا وڃن ته هي بيعت نه ڪرڻ جي خرابي آهي. انهيءَ ڪري انهن جي دل گناهن جي ڪري سياهه ٿي چڪي آهي. جو انهيءَ حق ۽ باطل جي وچ ۾ تميز ڪري نٿا سگهن. انهي ڪري دل جو تصفيه هڪ وڏو اهم ۽ لازم امر آهي. نه ته گمراهه ٿيڻ جو انديشو آهي. دل جي سياهي جو هي نشان آهي جو گناهه ڪرڻ کان ڊپ نٿو ٿئي ۽ عبادت ۾ لذت نه ٿي اچي. نصيحت جو اثر نٿو ٿئي. جڏهن دل جي صفائي حاصل ٿي تڏهن ننڍڙن ٻارن واريون علامتون پيدا ٿين ٿيون. پهريائين ماني جي ڳڻتي هنن کي ڪانهي اهو ڪم پروسي وارن جو آهي. ٻيو ته بيماري ۽ ڏک ۾ خدا تعاليٰ تي ڏوهه نٿا ڏين. اهو ڪم رضا تي راضي رهڻ وارن جو آهي. ٽيون ته جڏهن ٻار ۾ وڙهندا آهن ته

سواءِ ڪروڌ ڪرڻ جي جلد ئي پاڻ ۾ پرچي وڃن ٿا. هنن جي دلين ۾ غير، حسد، ڪينو ءِ تڪبر ڪونہ آهي. اهو ڪم صاف سيني وارن جو آهي. چوٿون جڏهن ڪو ڏيڇاريندو اٿن تہ اکين ۾ پاڻي ڀرجي ايندو اٿن. اهو ڪم خوف ڪندڙ ءِ خدا جي پيارن جو آهي. پنجون ڪنهن بہ شيءِ سان دائمي پريت نہ ٿا رکن. اهو ڪم ويراڳين جو آهي. هي حالتون اڪثر اهل الله ۾ هونديون آهن. جڏهن طالب ڪنهن شيخ جي بيعت ڪرڻ گهري تہ هنن چئن ڳالهين جو لحاظ ضرور رکي. اول ان جي نسبت ڪنهن شيخ ڪامل سان هجي 2. صاحب اجازت جو هجي 3.اتباع شريعت جو ان کي حاصل هجي 4. سلسلہ طريقت جو آنحضرتﷺ تاءِ واسطي در واسطي پهتل هجي وچ ۾ ڪٿي بہ قطع ٿيل نہ هجي. اگر انهن مان هڪ بہ امر نہ هوندو تہ راهہ معرفت جي محال آهي. ان جي بيعت ڪرڻ لا حاصل آهي. شال الله تعاليٰ سيني مؤمنن کي راهہ حق تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي!

◈

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

السلسلة الشريف بلسان عربي مبين

الٰهى بحرمتہ شفيع المذنبين رحمة العالمين سيدنا وَمولانا حضرت محمَّد رسول الله ﷺ (2) الٰهى بحرمتہ خليفة رسول الله حضرتنا امير المومنين ابي بڪر نالصديق رضي الله عنه (3)الٰهى بحرمتہ حضرتنا صاحب رسول الله سلمان الفارسي رضي الله عنہ (4)الٰهى بحرمتہ حضرتنا الامام القاسم رحمة الله عليه (5) الٰهى بحرمتہ حضرتنا الامام جعفر صادق رحمت الله عليہ (6) الٰهى بحرمتہ حضرتنا ابي يزيد البسطامي رحمة الله عليه

Scanned with CamScanner

(7) الهی بحرمت حضرتنا ابي الحسن الخرقاني رحمة الله عليه (8)الهی بحرمت حضرتنا ابي القاسم الجرجاني رحمة الله عليه (9) الهی بحرمت حضرتنا ابي علي الن الفارمدي رحمة الله عليہ (10) الهی بحرمت حضرتنا ابي يوسف الهمداني رحمة الله عليہ (11)الهی بحرمت حضرتنا عبدالخالق الغجدواني رحمة الله عليہ (12) الهی بحرمت حضرتنا محمد عارف ان الريوجري رحمة الله عليہ (13) الهی بحرمت حضرتنا محمود الفغنوي رحمة الله عليہ (14) الهی بحرمت حضرتنا عزيز ان علي راميتني رحمة الله عليہ (15) الهی بحرمت حضرتنا محمد بابا السماسي رحمة الله عليہ (16) الهی بحرمت حضرتنا امير ذالكلان رحمة الله عليہ (17)الهی بحرمت حضرتنا شيخ المشائخ محمد بهاؤالدين البخاري رحمة الله عليہ (18) الهی بحرمت حضرتنا علاؤالدين العطار رحمة الله عليہ (19)الهی بحرمت حضرتنا يعقوب چرخي رحمة الله تعالیٰ عليہ (20) الهی بحرمت حضر نا عبيدالله الاحرار رحمة الله عليہ (21) الهی بحرمت حضرتنا محمد نالزاهد حمة الله تعالیٰ عليہ (22) الهی بحرمت حضرتنا درويش محمد رحمة الله تعالیٰ عليہ (23) الهی بحرمت حضرتنا محمد ن لامكنكي رحمة الله عليہ (24) الهی بحرمت حضرتنا عبدالباقي رحمة الله عليہ (25)الهی بحرمت حضرتنا مولانا احمد الفاروقي السرهندي رحمة الله عليہ (26)الهی بحرمت حضرتنا محمد نالمعصوم رحمة الله عليہ (27)الهی بحرمت حضرتنا محمد سيف الدين رحمة الله عليہ (28)الهی بحرمت حضرتنا محمد محسن الدهلوي رحمة الله تعالیٰ عليہ (29) الهی بحرمت حضرتنا نور محمد البدايوني رحمة الله عليہ (30) الهی بحرمت حضرتنا مظهر جان جانان رحمة الله عليہ (31) الهی بحرمت حضرتنا عبدالله شاه الدهلوي رحمة

الله عليه (32) الٰهی بحرمة حضرتنا ابي سعيد ن الارحمة الله عليه (33) الٰهی بحرمة حضرتنا احمد سعيد نالمدني رحمة الله تعالیٰ عليه (34) الٰهی بحرمة حضرتنا دوست محمد القندهاري رحمة الله تعالیٰ عليه (35) الٰهی بحرمة حضرتنا محمد عثمان المداماني رحمة الله تعالیٰ عليه (36)الٰهی بحرمة حضرتنا محمد سراج الدين رحمة الله تعالیٰ عليه (37)الٰهی بحرمة حضرتنا مولانا محمد فضل علي شاهه المسڪين نوري رحمة الله تعالیٰ عليه (38) الٰهی ببرڪت حضرتنا محمد نبي بخش باجرجوي رحمة الله عليه و صلي الله عليٰ خير خلقه محمد وآلِهٖ وَاصحابهٖ اجمعين.

اَللّٰهم بِحُرْمَتِه هٰؤُلَاءِ الاَجْلَاءِ قَدِّس ظاهِرِیْ وَباطِنی عَمَّا هُوخِلافُ رَضائِکَ بِرَحمِتِک يَاارحَمُ الرَّاحِمِيْنَ.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سلسله شريف ابيات سنڌي

اي خداوندا تون ذات ڪبريا جي واسطي،
فضل ڪر مون تي محمد مصطفيٰ جي واسطي.

حضرتِ صديق اڪبر يارِ غارِ مصطفيٰ،
صدق ڏي ڪامل تون اهڙي با صفا جي واسطي.

حضرتِ سلمان فارسي خاص اصحابي نبي،
عشق ڏي پنهنجو مون کي اُن باوفا جي واسطي.

حضرتِ قاسم آهي پوٽو صديق اڪبر سندو
همت عالي عطا ڪر ذوالعلا جي واسطي.

Scanned with CamScanner

حضرتِ جعفر امام التقيا واصفيا،
مطمئن مون کي بڻاءِ ان ذي عطا جي واسطي.
قُطبِ عالَم غوث اعظم شيخ اڪبر بايزيد،
استقامت ڏي مون کي ان رهنما جي واسطي.
حضرتِ بوالحسن صاحب ساڪن خرقان جي،
ذڪر قلبي ڪر عطا ان باحيا جي واسطي.
حضرتِ خواجہ ابوالقاسم رهي گرگان ۾،
بخش ڪر منهنجا گناهہ ان پُر ضيا جي واسطي.
فارمدي شيخ عالم خواجہ حضرت بو علي،
ڏي مون کي اعمال صالح ان اوليا جي واسطي.
حضرتِ خواجہ ابو يوسف آهي همدان ۾،
نفس ڪر مغلوب منهنجو ان مقتدا جي واسطي.
غجدواني عَبدِ خالق حضرت شيخ وَڪمال،
ڪر عطا مون کي ڪمال ان پيشوا جي واسطي.
حضرتِ خواجہ محمد عارف ريوگري،
پنهنجو عارف ڪر مون ان اتقيا جي واسطي.
ساڪن انجير فغنوي يعني محمودِ ولي،
سبق رحمت جو ملي دُر بي بَها جي واسطي.
حضرتِ خواجہ عزيزانِ علي راميتني،
نانءُ تنهنجو ٿي عزيزان بي ريا جي واسطي.
حضرتِ خواجہ محمد بابا عاشق ذات خدا،
عشق سان پردل ڪر عاشقِ خدا جي واسطي.

حضرتِ شاهہ ڪلال مير سيد متقي،
تقويٰ ڪامل ڪر نصيب ان پر سخا جي واسطي.

حضرتِ خواجہ بهاؤالدين شاهہ نقش بند،
ڪر منقش دل منهنجي ان نورالهُديٰ جي واسطي.

حضرتِ خواجہ علاؤالدين جو عطار آهہ،
دل معطر ڪر منهنجي ان خوش لقا جي واسطي.

حضرتِ يعقوب چرخي بيڪسن جو دستگير،
سستي غفلت دور ڪر مون مان هما جي واسطي.

حضرتِ خواجہ عبيدالله جو احرار آ،
مخلصن ۾ ڪر مون کي ان پارسا جي واسطي.

حضرتِ خواجہ محمد زاهد زهد و ڪمال،
زهد ڪر مون کي عطا ان با خدا جي واسطي.

حضرتِ درويش محمد مير درويشن هيو
فقر جي لذت چکاءِ ان حق نما جي واسطي.

خواجگي خواجہ محمد واقف اسرار حق،
مون کي پڻ خواجہ بڻاءِ مردِ خدا جي واسطي.

حضرتِ خواجہ محمد باقي بالله رازدان،
ڏي مون کي جامِ بقا ان دل ڪشا جي واسطي.

حضرتِ خواجہ مجدد الف ثاني بينظير،
فضل ڪر دارين ۾ بدرالدّجا جي واسطي.

عروة الوثقيٰ محمد خواجہ معصوم دل،
دل منهنجي تون ڪر منور دل صفا جي واسطي.

Scanned with CamScanner

حضرتِ سيف الدين صاحب سيف آهي دين جي،
سر ڪٽي حرص وهوا جو ذي لقا جي واسطي.

حافظ محسن ولي دهلوي هو باخدا،
معرفت ڪر مون کي نصيب شمس الهدا جي واسطي.

حضرتِ نور محمد آهي بدايوني ضرور،
عشق ۾ سينو جلي سيّد صفا جي واسطي.

حضرتِ مرزا مظهر جان جانان آهي حبيب الله شهيد،
رک شريعت تي مون کي پير هُدا جي واسطي.

حضرتِ عبدالله شاهہ آهي مجدد دهلوي،
خاص بندن مون بڻاءِ ان جان فدا جي واسطي.

بوسعيد احمدي غوث زمان آهي بي گمان
مون کي بہ تون اسعد بڻاءِ ان باوفا جي واسطي.

حضرتِ خواجہ احمد سعيد دهلوي مدني آهي،
ذوق شوق ڏي پنهنجو مون کي ان اوليا جي واسطي.

حاجي الحرمين خواجہ دوست محمد قندهار جو ،
قلب ذاڪر ڪر منهنجو ان خوش ادا جي واسطي.

حضرتِ عثمان داماني امام المتقين،
متقي مون کي بڻاءِ شيرِ خدا جي واسطي.

شاهہ سراج الدين آهي مير جو صوفين سندو
مون کي بہ صوفي ڪر صفا ان باصفا جي واسطي.

حضرتِ فضل علي جو نور حق ۾ هو غرق،
دل منهنجي پر نور ڪر ان پر ضيا جي واسطي.

Scanned with CamScanner

حضرتِ خواجه نبي بخش عالي طريقه نقشبند،
ڪر سعادت تون عطا بحر هدا جي واسطي.

حضرتِ خواجه محمد هاشم صاحب حق تي فدا،
ڏي خدا هدايت حق جي پير مغان جي واسطي.

حضرتِ خواجه غلام قادر صاحب هادي رهنماءِ
ڪر عنايت تون عطا ان رهنماء جي واسطي.

حضرتِ خواجه علي اصغر نقشبندي جي محبت عطا ڪر،
رات ڏينهن آهي محبت ان محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

حضرتِ خواجه محمد اسحاق آهي غلام ڪر غلامي ۾ نالو عطا،
ڪر التجا هي قبول تي سڪرات سولي سرور ڪائنات جي واسطي

شجره پاڪن جو سدا صبح شام جو پڙهي
ٿئي روا حاجات ان جي پير توجهه پر ڪري

برڪت نيڪن جي تون بخشين هن عاجز جي قضا،
تون آنءِ لائق فضل جي شل هجي تنهنجي رضا.

❁

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ

التجا بدرگاهِ خدا

برڪت نالن سڳورن ڪر دعا هر ڪا قبول،
يارب پنهنجي رحمت بي انتها جي واسطي.
ڪر دل منهنجيءَ کي دائما ذاڪر بذڪر اسم خدا
اي خدا جمله مقدس اصفيا جي واسطي

Scanned with CamScanner

نيڪين کان دور با درياءِ عصيان غرق هان

ڏي خلاصي اي خدا محمد مصطفيٰ جي واسطي

اي خدا غفار سستي جي ڪلفت کان بچاءِ

پنهنجي اڪمل ۽ فضل صاحب سخا جي واسطي

منهنجي دشمن کي مون تي اي خدا راحم بڻاءِ

پنهنجي رحماني رحيمي ۽ عطا جي واسطي

يا الهي ڪار شيطاني کان مون کي دور ڪر.

سڀ عمل مون کان ڪراءِ پنهنجي رضا جي واسطي

قبر ۾ آرام مون کي ابتدا کان ڏني عطا

اي خدا حضرت محمّد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي.

آمين وَصلي الله تعاليٰ عليٰ خير خلقهٖ محمدٍ وآلهٖ واصحابهٖ اجمعين

◈

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

فصل پهريون

ذڪرن ۽ مراقبن جي شغلن جي بيان ۾

طريقہ مبارڪ نقشبنديه مجدديہ قدس الله اسرارهم

سبق پهريون: مشائخ ڪرام صفائي باطن جي لاءِ تي طريقا مقرر ڪيا آهن:

سبق پهريون (۱): طريقہ ذڪر اسم ذات يا نفي اثبات اسم ذات جو ذڪر هن طرح آهي جو زبان کي تارونءَ سان لائي دل کي وسوسن ۽ خطرن کان خالي ڪري ۽ انهي بزرگ جي صورت کي جنهن ان کي تلقين ذڪر جي فرمائي هجي

Scanned with CamScanner

پنهنجي دل جي سامهون با ادب جهلي دل جي زبان سان يعني لطيفہ قلب سان جنهن جي جاءِ کٻي ڇاتي ٻبي جي هيٺان ٻن آڱرن جي فاصلي تي آهي. اسم مبارڪ الله توجہ ۽ خيال سان ڪڍي پنهنجو خيال دل جي طرف ۽ دل جو خيال الله جي طرف رهي وقوف قلبي انهيءَ جو نالو آهي. زبان کي تارونءَ سان لائڻ ڪري دل جي زبان ذڪر سان گڏ اٿڻ لڳي ٿي انهي طرح ڪرڻ سان شيخ ڪامل جي صحبت ۽ ان جي توجہ ۽ اخلاص جي برڪت سان دل جي غفلت دور ٿئي ٿي ۽ ان جي محبت جي اثر سبب مشاهده الهى جي انوار سان دل روشن ٿي وڃي ٿي. سالڪ کي گهرجي تہ حاضريءَ جي وقت ادب جو پورو خيال ڪري هر وقت ان جي رضامندي حاصل ڪرڻ جو خيال ڪندو رهي ۽ ان جي خيالي صورت کي پچائيندو رهي ان کي رابطہ شيخ يا تصور شيخ چوندا آهن. ان جو فائدو هي آهي جو دل جا خيالات ۽ وسوسا دور ٿي وڃن ٿا. ذڪر الله ڪرڻ وقت ان جي معنيٰ جو لحاظ رکجي تہ مان ايمان آندو آهي انهيءَ ذات تي جا سيني ڪامل صفتن سان موصوف آهي ۽ هر قسم جي نقصان ۽ زوال کان پاڪ آهي سيني وقتن ۾ ان ذڪر تي مداومت هميشگي ڪري جيئن ذڪر الهى سان نور جاري ٿي وڃي قلب جو نور هيٺو آهي.

سبق ٻيو (2): ان کان پوءِ لطيفہ روح آهي هن جي جاءِ سڄي ڇاتي هيٺان ٻن آڱرين جي مفاصلي تي آهي اهڙي طرح

ذڪر ڪري لطيفہ روح جي نور جو رنگ ڳاڙهو آهي.

سبق ٽيون (3): لطيفہ سر آهي جنهن جي جاءِ کٻي ڇاتي جي برابر سيني جي طرف ٻن آڱرين جي فاصلي تي آهي ذڪر ڪري لطيفہ سر جي نور جو رنگ اڇو آهي

سبق چوٿون (4): ان بعد لطيفہ خفي آهي جنهن جو هنڌ سڄي ڇاتي جي برابر وچ سيني طرف مائل ٻن آڱرين جي فاصلي تي آهي ذڪر ڪري لطيفہ خفي جي نور جو رنگ ڪارو آهي.

سبق پنجون (5): ان کان پوءِ لطيفہ اخفيٰ آهي جنهن جو هنڌ وچ سينو آهي ذڪر ڪري انهيءَ حد تائين جو پنجئي لطيفا ذڪرُ ذڪر الٰهي جاري ٿي وڃن. لطيفہ اخفيٰ جو رنگ سائو آهي.

سبق ڇهون (6): ان کان پوءِ لطيفہ نفس آهي جنهن جو هنڌ انسان جي پيشاني جو وچ آهي ذڪر ڪري.

سبق ستون (7): ان کان پوءِ لطيفہ قابي آهي جنهن کي سلطان الاذڪار چوندا آهن جنهن جو تعلق ساري بدن سان آهي ذڪر ڪري اهڙي طرح وار وار کان ذڪر الٰهي جاري ٿي وڃي ڇاڻ گهرجي تہ سلطان الاذڪار جو هنڌ ڪڏهن وچ مغز يعني دماغ جي مٿان مقرر ڪن ٿا. اهڙي طرح الله تعاليٰ جي فضل سان سڄي بدن مان ذڪر الٰهي جاري ٿي وڃي ٿو.

طريقہ نفي اثبات: هي آهي تہ پنهنجي ساهہ کي پنهنجي دن هيٺان روڪي رکي خاص پنهنجي خيال سان ڪلمہ لا کي دن کان پنهنجي دماغ تائين پهچائي ۽ ڪلمہ اِلٰه کي دماغ کان ساڄي ڪلهي تائين

Scanned with CamScanner

هيٺين طرف آڻي ۽ لفظ اِلاَّ اللهُ جي دل جي ضرب لڳائي اهڙي طرح جو ذڪر جو تاثير ٻين لطيفن تائين پهچي ۽ محمَّد رسول الله جو لفظ ساهه ڪڍڻ وقت خيال سان چوي ذڪر ۾ شرط هيءَ آهي تہ معنيٰ جو لحاظ رکي اهڙيءَ طرح جو سواءِ ذات پاڪ جي ٻيو ڪوبہ مقصود ۽ معبود نہ آهي ۽ نفي لا جي وقت ۾ پنهنجي ۽ ساري موجودات جي هستي گم ڪري ۽ اثبات يعني الاَّ الله جي وقت ۾ ظاهر موجود ذات باري تعاليٰ کي لحاظ ۾ رکي پڻ هر ذڪر ۾ شرط آهي تہ چند ڀيرا بزبان خيال هيءَ التجا ڪري تہ ياالٰهي تون ئي منهنجو مقصود ۽ معبود آهين. تون ئي مون کي پنهنجي رضا محبت ۽ معرفت عطا فرماءِ ان کان سواءِ پنهنجو توجهہ دل ڏانهن ۽ دل جو توجهہ ذات باري تعاليٰ ڏانهن رکڻ ضروري آهي جو سواءِ انهن ٻن ڳالهين جي حاصل ٿيڻ مشڪل آهي ۽ انهيءَ توجهہ جو نالو وقوف قلبي آهي پڻ گهرجي تہ پنهنجي دل کي خطرن ۽ خيالن کان محفوظ رکي تہ جيئن خيالات غلبہ نہ ڪري ان کي نظرداري چوندا آهن.

ذڪر نفي اثبات جا فائدا: ذڪر جي اندر ساهہ جي بند ڪرڻ ۾ هي فائدا آهن حرارت يعني گرمي قلب ذوق رقت گم خطره ۽ ترقي محبت امڪان آهي تہ ڪشف جي حاصلات جو بہ سبب بڻجي ۽ ذڪر نفي وَاثبات عدد اڪي جو لحاظ رکڻ لازم آهي ان جو نالو وقوف عددي آهي اهو طريقہ حضرت خضر عليہ السلام کان منقول آهي هن حضرت خواجہ عبدالخالق غجدواني عليہ رحمت کي تعليم فرمايو هو تہ جي هڪ ساهہ ۾ ايڪويهہ ڀيرا پهچائڻ بعد بہ فائده نہ ٿئي تہ اهو عمل ضايع سمجهي ۽ وري نئين سر شروع ڪري ۽ ان جي شرطن جو چڱي طرح لحاظ رکي وَالله اعلم وعلم اتم.

چاڻڻ گهڙجي تہ: تهليل لساني يعني زبان سان لآ اِلہ الآ الله چوڻ جو بہ اهوئي رستو آهي سڳر ان ۾ ساهہ بند نہ ڪجي ان جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار يارهن تسبيح آهي ۽ اعليٰ وڌ ۾ وڌ پنج هزار. جيڪڏهن مالڪ ڪان وڌائي تہ وڌو فائدو ڪٽندو.

مراقبن جون نيتون: مراقبہ احديت جي نيت هيئن آهي تہ اها ذات جنهن ۾ ڪماليت جون سڀ صفتون جمع آهن ۽ هر قسم جو نقصان ۽ زوال کان پاڪ آهي ان جي طرف پنهنجي لطيفہ قلب ۾ فيض اچي ٿو.

مراقبات مشارب: اول مراقبہ لطيف قلب پنهنجي لطيف قلب کي حضرت سرور عالم ﷺ جي لطيفہ قلب جي مقابلہ سمجهي زبان جي خيال سان التجا ڪري تہ يا الهي انهن تجليات افعاليہ جو فيض جن کي تو آن سرور عالم ﷺ جي لطيفہ قلب سان حضرتا آدم عليہ السلام جي لطيف قلب ۾ وڌ آهي هن خاڪسار جي لطيفہ قلب ۾ بحرمتہ پيران ڪبار القاء فرماءِ!

مراقبہ لطيفہ: روح کي آنحضرت ﷺ جي بالمقابل تصور ڪري خيال جي زبان سان التجا ڪري تہ الهي انهن صفات ثبوتيہ تجليات فيض جو تون آنحضرت ﷺ جي لطيفہ روح سان حضرت نوح ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي لطيفہ روح ۾ وڌو آهي بحرمتهہ پيران ڪبار ناچيز جي لطيفہ روح ۾ القاء فرماءِ

مراقبہ سر: پنهنجي لطيفہ سر کي سيد المرسلين ﷺ جي لطيف سر جي مقابل خيال ڪري عرض ڪري تہ الهي انهن مشئون ذات جي تجليات جو فيض جو تو حضرت سيدالمرسلين ﷺ جي لطيفہ سر مان حضرت موسيٰ عليہ السلام جي لطيف سر ۾ القاء فرمايو سو منهنجي لطيفہ

Scanned with CamScanner

سر ۾ بحرمت پيران ڪبار القاء فرمائڻ

مراقب لطيف خفي: پنهنجي لطيف خفي کي مقابل ۾ لطيف خفي آن سرور ڪائنات ﷺ جي رکي زبان جي خيال سان عرض ت الٰهي ان صفات سلبيه جي تجليات جو فيض جو تو آنحضرت ڪريم ﷺ جي لطيف خفي مان حضرت عيسىٰ جي لطيف خفي ۾ القاء فرمايو آهي سو بحرمت پيران ڪبار منهنجي لطيف خفي ۾ القاء فرمائڻ

مراقب لطيف اخفيٰ: پنهنجي لطيف اخفيٰ کي آنحضرت ﷺ جي لطيف اخفيٰ جي مقابل تصور ڪري خيال جي زبان سان التجا ڪري ت الٰهي تجليات جامع جو فيض جو تو آنحضرت ﷺ جي لطيف اخفي ۾ القاء فرمايو آهي سو بحرمت پيران ڪبار جي منهنجي لطيف اخفيٰ ۾ القاء فرمائڻ

تنبيه: ڄاڻڻ گهرجي ت مراقب ۾ ان لطيف کي جو فيض اچڻ جي جاءِ آهي لحاظ ۾ رکي سلسل عاليه جي مشائخ ڪرام جي انهي لطيف کي حضرت سيد المرسلين ﷺ تائين انهن شيشن وانگر جي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي سامهون هجن فرض ڪري ان فيض مخصوص کي ان خاص لطيف ۾ بطريق يعني پاڃي جي گمان ڪري ت جيئن اَنَا عِنۡدَ ظَنِّ عَبۡدِیۡ هجي ت آءُ پنهنجي بنده جي گمان جي نزديڪ آهيان جو مقصد پورو ٿئي وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيۡزٍ اها ڳالهه الله تي ڪجهه ب مشڪل ن آهي.

مراقب معيت: مضمون آيت ڪريم وَّهُوَ مَعَكُمۡ اَيۡنَمَا كُنۡتُمۡ يعني جتي ب توهان هجو هو توهان سان گڏ آهي ان آيته ڪريمه کي لحاظ ۾ رکي پڪي دل سان تصور ڪري ت ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي. جا مون سان ۽ موجودات جي هر ذره سان آهي ان شان سان جو ان جي مراد

آهي فيض شروع ٿيڻ جي جاءِ ولايت صغرىٰ جو دائره آهي جو اولياءِ عظام جي ولايت آهي ۽ اسماءِ وصفات مقدس جو ظل آهي فيض اچڻ جي جاءِ آهي. منهنجو لطيفہ قلب ولايت ڪبريٰ آهي اهي ٽيئي دائرا هڪ قول تي ئي شامل آهن. پهرئين دائره جي نسبت مضمون وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ⑯ اسين توهان کي توهان جي رڳ جان کان بہ نزديڪ تر آهيون لحاظ ۾ رکي باطن ۾ ان کي ڄاڻي تہ ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي جو تمام نزديڪ آهي مون کي منهنجي رڳ ۽ ساهہ کان ان شان سان جو حق سبحانه جي مراد آهي چشم فيض منهنجو لطيفہ نفس ۽ منهنجي عالم امر جا پنجئي لطيفا آهن فيض جو شروع ٿيڻ ولايت ڪبريٰ دائره اوليٰ مان آهي جو انبيا عظام عليهم السلام جي ولايت آهي ۽ ولايت صغريٰ جي دائره جو اصل آهي.

دائره ٻيو: ولايت ڪبريٰ مضمون آيتہ ڪريم يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗ تہ هو انهن سان محبت رکي ٿو ۽ اهي هن سان محبت رکن ٿا کي تصور ۾ ڪري دل ۾ خيال گذاري تہ ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي. جا مون کي دوست رکي ٿي ۽ آءُ ان کي دوست رکان ٿو فيض جي منشا ولايت ڪبريٰ جو ٻيو دائره آهي. جو انبياء عظام جي ولايت ۽ دائره پهرين جو اصل آهي. چشم فيض جو منهنجو لطيفہ نفس آهي.

نيت دائره ٽيون: ولايت ڪبريٰ مضمون آيت يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗ جو ان لحاظ رکي خيال ڪري تہ ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي جا مون کي دوست رکي ٿي ۽ آءُ ان کي دوست رکان ٿو. فيض جو شروع ٿيڻ ولايت ڪبريٰ جي ٽئين دائره کان آهي جو انبيا عليهم السلام جي ولايت ۽

Scanned with CamScanner

دائره ۾ئي جو اصل آهي چشمر فيض منهنجو لطيفہ نفس آهي.

نيت قوس مضمون يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗ لحاظ ۾ رکي خيال ڪري تہ ان ذات ڪان فيض اچي رهيو آهي. جا مون کي دوست رکي ٿي ۽ آئُ ان کي دوست رکان ٿو فيض جو شروع ٿيڻ ولايت ڪبريٰ جي قوس ڪان آهي جو دائره ٿئين لاءِ اصل آهي چشمر فيض منهنجو لطيفہ نفس آهي.

مراقبہ اسم الظاهر: انهيءَ ذات مقدس ڪان فيض اچي رهيو آهي جنهن جو نالو الظاهر آهي چشمر فيض منهنجو لطيفہ نفس ۽ منهنجي عالم امر جا پنج لطيفا آهن.

مراقبہ اسم الباطن: ان ذات مقدس ڪان فيض اچي رهيو آهي جنهن جو نالو الباطن آهي منشافيض ولايت عليا جو دائره آهي. جو ملائڪ اعليٰ جي ولايت آهي چشمر فيض منهنجو ٽئي عناصر يعني هوا، باهہ ۽ پاڻي آهن سواءِ عنصر خاڪ يعني مٽي جي.

مراقبہ ڪمالات نبوت: ان ذات واجب ڪان فيض اچي رهيو آهي جو ڪمالات نبوت جي منشا آهي چشمر فيض منهنجو لطيفہ عنصر خاڪ يعني مٽي آهي.

مراقبہ ڪمالات رسالت: ان ذات واجب ڪان فيض اچي رهيو آهي جا ڪمالات رسالت جي منشا آهي فيض اچڻ جي جاءِ منهنجي هيئت وجداني آهي يعني سارو وجود آهي.

مراقبہ ڪمالات اولوالعزم: ان ذات واجب ڪان فيض اچي رهيو آهي جو اولو العزم جي ڪمالات جي منشا آهي فيض اچڻ جي جاءِ منهنجي شڪل وجداني آهي، يعني سارو وجود آهي (مراقبہ حقيقت ڪعبہ رباني) ان ذات واجب ڪان فيض اچي رهيو آهي جنهن جي طرف سڀ ممڪنات

سجده ڪن ٿيون. اهو ئي سيني جو مسجود الله آهي. منشا فيض حقيقت ڪعبہ رباني آهي ۽ فيض اچڻ جي جاءِ منهنجو سارو وجود آهي.

مراقبہ حقيقت قرآن مجيد: ان ذات بي مثل کان فيض اچي رهيو آهي جا فراخي مبدء (شروعاتي) آهي فيض جي منشا حقيقت قرآن مجيد ۽ فيض اچڻ جي جاءِ منهنجو سارو وجود آهي مراقبہ حقيقت صلوات فيض اچي ٿو. ڪمال وسعت بيچون، حضرت ذات کان جنهن مبدء حقيقت صلواة کان آهي جاءِ فيض اچڻ جي منهنجو سارو وجود آهي.

مراقبہ معبوديت: صرف ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي جا معبوديت محض جي منشا آهي چشمہ فيض منهنجي هيئت وجداني يعني سارو وجود آهي.

مراقبہ ابراهيمي: ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي جو حقيقت ابراهيمي جو منشاءَ آهي چشمہ فيض منهنجي هيئت وجداني يعني سارو وجود آهي.

مراقبہ حقيقت موسوي: ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي جو حقيقت موسوي جو منشاءَ آهي چشمہ فيض منهنجي شڪل وجداني آهي يعني سارو وجود آهي.

مراقبہ حقيقت محمدي: ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي جو حقيقت محمدي جو منشاء آهي چشمہ فيض منهنجي جو سارو وجود آهي.

مراقبہ حقيقت احمدي: ان ذات کان فيض اچي رهيو آهي جو حب صرف جو منشاءَ آهي چشمہ فيض منهنجي جو منهنجو سارو وجود آهي.

مراقبہ دائره لاتعين: ان ذات واجب کان بي انداز فيض اچي رهيو آهي جو دائره لاتعين جو منشاء آهي چشمہ فيض منهنجو سارو وجود آهي.

مسئلہ: ان صورت ۾ جو مرشد ڀهرين کان مطلق فائدو نہ ٿئي يا هو

گمراھ ٿي وڃي يا ايترو پري ھجي جو ھن کان فائدو حاصل ڪرڻ ممڪن نہ آھي تہ بہ بيعت جائز آھي. جيڪڏھن ھڪ شيخ جي خدمت ۾ ھڪ شخص اعتقاد ۽ حسن ظن سان رھي ۽ ان جي صحبت ۾ ڪوبہ تاثير نہ ڏسي تہ ان کي گھرجي تہ ھو ٻيو شيخ تلاش ڪري ورنہ سندس مقصد پورو نہ ٿيندو. نعوذ بالله منھا مراقبہ معنيٰ پاڻ کي ۽ ٻين کي وساري خدا ۾ نظر رکڻ توجھہ معنيٰ خدا ۾ ڌيان لڳائڻ.

ختم جميع خواجگان نقشبند قدس الله اسرارھم

ھر ھڪ اسم جي اول ۾ اَللّٰھُمَّ گڏي ۽ آخر ۾ اَرحَمَ الرَّاحِمِيْنَ مثلاً اَللّٰھُمَّ يا قَاضِيَ الحَاجَات يا اَرحَمَ الرَّاحِمِيْنَ سان ڀرين پيري سان بِرَحْمَتِكَ گڏي باقي ٻين سان نہ گڏي ان جو ثواب سلسلہ عاليہ جي جملا حضراتن کي بخشي

ختمہ	تعداد	ختمہ	تعداد
1. سورة فاتحہ	7 پيرا	8. درود شريف	100 پيرا
2. سورة الم نشرح	79 پيرا	9. سوره اخلاص	1000 پيرا
3. سورة فاتح	1 پيرو	10. درود شريف	100 پيرا
4. يا قاضي الحاجات	100 پيرا	11. يا قاضي المھمات	100 پيرا
5. يا دافعَ البليات	100 پيرا	12. يَامُجِيْبَ الدعوات	100 پيرا
6. يا رفيع الدرجات	100 پيرا	13. يا شافي الامراض	100 پيرا
7. ارحمَ الرَّاحِمِيْن	100 پيرا		

2. ختم خير الخلائق سيّد الاولين والأخِرِيْنَ سيدنا و مولانا محمّد رسول الله ﷺ

ختمہ	تعداد
دورد و صلواة تُنجينا الخ	313 پيرا.

3. ختمہ حضرت محبوبي سبحاني غوث الصمداني شيخ عبدالقادر جيلاني رحمہ

ختمہ	تعداد
درو د شريف	100 پيرا
حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ	500 پيرا
درود شريف	100 پيرا

4. ختمہ حضرت خواجہ شاہ بہاؤالدين بخاري رحمہ

ختمہ	تعداد
دور شريف	100 پيرا
يا خَفِيَ اللَّطِيْف اَدْرِكْنِي بِلُطفِك الخفِي	500 پيرا
درود شريف	100 پيرا

5. ختمہ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمہ

ختمہ	تعداد
دور شريف	100 پيرا
لاَحوِلَ وَلاَقوة اِلا بِاللهِ	500 پيرا
درود شريف	100 پيرا

6. ختمہ حضرت خواجہ محمد معصوم صاحب فاروقي رحمہ

ختمہ	تعداد
دور شريف	100 پيرا
لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ	500 پيرا
درود شريف	100 پيرا

Scanned with CamScanner

7. ختم حضرت حبیب اللہ شہید حضرت مرزا مظہر جان جاناں رح

ختمه	تعداد
دور شریف	100 پیرا
یا حی یا قَیُّومُ بِرَحۡمَتِكَ اَستَغِیۡثُ	500 پیرا
درود شریف	100 پیرا

8. ختم حضرت شاہ عبداللہ غلام علي دهلوي رح

ختمه	تعداد
دور شریف	100 پیرا
یَااللہ یَا رحمٰنُ یا رَحِیۡمُ اَرحَمَ الرَّاحِمِیۡنَ صَلَّی اللّٰہُ تعالٰی علٰی خَیۡرِ خَلۡقِہٖ مُحَمَّدٍ	500 پیرا
دور شریف	100 پیرا

9. ختم حضرت خواجہ احمد سعید شاہ صاحب رح

ختمه	تعداد
دور شریف	100 پیرا
یَارَحِیۡمُ کُلِّ سَرِیۡخٍ وَّمَکۡرُوبٍ وَّغِیَاثُہٗ وَمَعَاذُہٗ یَارَحِیۡمُ	500 پیرا
دور شریف	100 پیرا

10. ختم حاجي دوست محمد قندهار رح

ختمه	تعداد
دور شریف	100 پیرا
رَبِّ لَاتَذَرۡنِی فَرۡدًا وَّاَنۡتَ خَیۡرُ الۡوَارِثِیۡنَ	500 پیرا
دور شریف	100 پیرا

Scanned with CamScanner

11. ختم حضرت خواجہ محمد عثمان رحہ داماني

ختمه	تعداد
دور شريف	100 پيرا
سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحَانَ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ وَبِحَمْدِهٖ	500 پيرا
دور شريف	100 پيرا

12. ختم حضرت خواجہ سراج الدين شاہ صاحب رحہ

ختمه	تعداد
دور شريف	100 پيرا
سُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ	500 پيرا
دور شريف	100 پيرا

13. ختم حضرت فياض عالم خواجہ محمد فضلِ علي شاہ رحہ

ختمه	تعداد
دور شريف	100 پيرا
ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاءُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ	500 پيرا
دور شريف	100 پيرا

14. ختم حضرت فياض خواجہ نبي بخش صاحب

ختمه	تعداد
دور شريف	100 پيرا
اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ	500 پيرا
دور شريف	100 پيرا

Scanned with CamScanner

بيان آداب شيخ

مُريد کي لازم آهي جو پير جي خدمت ۾ ايئن هجي جيئن ميت غسال جي سامهون هوندو آهي پنهنجو ڪل اختيار سلب ڪري بعينہ ميت بڻجي وڃي. جهڙي طرح پير چاهي ان کي الٽ پلٽ ڪري. خاصانِ خدا جو ادب خود خدا جو ادب آهي. اَلظَّاهِرُ عُنْوانُ الْبَاطِنِ اهل الله جو ادب جو ڪيو وڃي ٿو ان جي ظاهري لحاظ سان ڪيو وڃي ٿو هُمْ جَوَالِيْسُ الْقُلُوْبِ فَجَالِسُوْهُمْ بِالصِّدْقِ هي دلين جا جاسوس آهن. انهن سان صدق دل سان ئي مجالست ڪرڻ گهرجي. حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام ارشاد فرمايو آهي تہ اِنَّ اللهَ اَدَّبَنِيْ فَاَحْسَنَ اَدَبِيْ يعني الله تعاليٰ مون کي ادب سيکاريو ۽ تعليم ڏني الغرض هن حديث مان معلوم ٿيو تہ سالڪ لاءِ مؤدب جي سخت ۾ سخت ضرورت آهي. مريد کي گهرجي تہ پير جو خوب ادب رکي ۽ جا تعليم ۽ تلقين ذڪر جي پير ان کي ڏسي ان جو پابند رهي ۽ ان جي نسبت هي اعتقاد ۾ رکي تہ فائدو مون کي پنهنجي پير کان پهچي سگهي ٿو. اهو هن وقت ڪنهن ٻئي بزرگ کان پهچي نٿو سگهي پير کي هيئن سمجهڻ گناهہ آهي تہ ان کي هر وقت منهنجو هر حال معلوم آهي طالب کي گهرجي تہ هر وقت باوضو رهي گهٽ کائڻ گهٽ سمهڻ ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي عادت رکي. شيخ اگر ديني امورن ۾ ڪجهہ حڪم ڪري تہ ان کي ترڪ نہ ڪري شيخ جي اگرچہ مالي خدمت ڪري تہ ماڻهن سان ظاهر نہ ڪري انهي ڳالهہ جي طمع نہ رکي تہ شيخ بہ ان جي عيوض مون کي ڪجهہ ڏئي پنهنجو احسان شيخ تي نہ رکي

Scanned with CamScanner

بلڪ ان جو احسان پاڻ تي ڄاڻي تہ اُن منهنجي چيز کي قبول ڪيو ۽ رد نہ ڪيو. شيخ جي حضور ۾ ماڻهن جي ڳالهين ڏانهن ڌيان نہ رکي ويهي مگر متوجہ ٿي شيخ جي طرف رجوع ڪري ويهي رهي ۽ ڪنهن جي تعظيم لاءِ شيخ اُٿي تہ مريد کي بہ گهرجي تہ شيخ جي پيروي ڪري پنهنجي شيخ سان جڏهن ڳالهائي تہ آهستگي سان ڳالهائي بلند آواز سان نہ لڙ مچائي ويهي ۽ شيخ جي متعلق بداعتقادي کي پنهنجي دل ۾ اچڻ نہ ڏئي اگر ڪوئي وسواس اچي بہ تہ استغفار ڪري. شيخ جي قرابت ۽ عزيزن سان صلحہ رحمي رکي ۽ جو ڪجهہ واقعات سامهون اچي شيخ سان بيان ڪري. شيخ جي فرمان کي نہ موٽائي اگر لاچار هجي تہ عذر ڪري شيخ جي مريدن ۽ طالبن جي رعايت ڪري شيخ جي هر چيز جو ادب ۽ احترام ڪري جو ڪجهہ شيخ ڪري ان جي حجت نہ ڪري جو ڪجهہ شيخ حڪم ڪري ان کي دليل سمجهي اگر شيخ هن جهان کان رحلت ڪري ويو هجي تہ ان لاءِ دعا مغفرت گهرندو رهي. شيخ روبرو بيهوديون ڳالهيون نہ ڪري نہ ڪنهن جا عيب بيان ڪري ۽ شيخ جي سامهون ڪائي اهڙي ڳالهہ نہ ڪري جنهن کان هو ناراض ٿي وڃي، جڏهن شيخ ان تي ناراض ٿئي تہ بيچڙو نہ ڄاڻي.

آداب سالڪ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ طِیْنٍ وَجَعَلَه مِنْ اَشْرَفِ الْمَخلوقِیْنَ وَالصَّلٰواۃ وَالسَّلَامُ عَلٰی رَسُوْلِهٖ مُحَمَّدٍ خَاتِمَ النَّبِیِّیْنَ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِیْنَ- اَما بعد حمد وَ والصلواة ڪانپوءِ فقير حقير ڪيترا آداب ۽ نصيحتون جو سالڪن طريقت ۽

Scanned with CamScanner

حقيقت وارن کي ڪم اچن ٿيون موافق خواهش بعض دوستن جي ۾ فصلن ۾ تحرير ڪيون ويون آهن. فصل پهرين ۾ اهو طريقو جو سالڪن طريقت وارن کي ابتدا ۾ ڪم اچي ٿو ۽ فصل ٻئي ۾ اهي آداب وَاللّٰهُ الْمُوَفِّقُ وَالْمُعِيْنُ وَبِهٖ نَسْتَعِيْنُ.

فصل اول

طريقو (1): سالڪ جڏهن ياد خدا ۾ مشغول ٿئي ته پهريائين ان کي لازم آهي ته خلقت جي صحبت کان پري ۽ تعلقات دنياوي کان دور رهي بعد صدق دل ۽ خالص نيت سان متوجه ٿي يادِ الٰهي ۾ مصروف ٿئي. اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ- عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي. (حديث نبوي).

طريقو (2): مخلوق کان پرهيز ڪرڻ وقت هي خيال ڪري مان پاڻ کي انهن کان لڪايان ٿو مگر ائين نه سمجهي ته آءُ انهن کان بهتر آهيان.

طريقو (3): سالڪ کي لازم آهي ته سلوڪ وقت طالب عرفان ۽ قرب باري تعاليٰ جو رهي ۽ هي خيال نه ڪري ته مون کي الله تعاليٰ مرتبه غوث يا قطب جو عطا ڪري يا ڪل مخلوقات منهنجي معتقد رهي.

طريقو (4): نامراديءَ کي بجاءِ مرادي جي دوست رکي ۽ عاجزيءَ خواريءَ کي پنهنجو لباس ڄاڻي غرور تڪبر ۽ خودي کان دور رهي ۽ مخلوقات جي ذليل ڄاڻڻ کان غمگين نه ٿئي. بلڪ خوش ٿئي. اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِيْ مِسْكِيْنًا حديث نبوي عَليٰ صاحبها الصلواة والسلام جي آهي.

Scanned with CamScanner

طريقو (5): جيڪڏهن ڪجهه دنيا جي حاصلات ٿئي ته فقيرن ۽ مسڪينن کي ڏئي ڇڏي ۽ پاڻ تي احسان ڄاڻي.

طريقو (6): ڪوبه ڪم مثلاً سٺو کاڌو پيئڻ يا سٺو آرام ڪرڻ ۽ سهڻو لباس يا ڪوبه ناجائز ڏسڻ ۽ وائسڻ جهڙو ڪم عمل ۾ نه آڻي ۽ خاموشي اختيار ڪري ظاهر ۾ شريعت تي قائم رهي ۽ عبادت نه ڇڏي ڇو ته عبادت ڪرڻ سان قوت پيدا ٿيندي آهي.

طريقو (7): ڪڏهن به پنهنجي خوش گذارڻ کان خوش ۽ تنگ گذارڻ سبب تنگ نه ٿئي. بلڪ هر وقت ۽ هر لحاظ ۾ محبت خدا ۾ پيريل رهي.

طريقو (8): اڳوڻن اهل طريقت وارن کان حقارت جي نگاهه سان نه ڏسي. اهڙي طرح حديث شريف آهي ته أُذْكُرُوْ الْاَمْوَاتَ بِحُسْنِ الظَّنِ.

طريقو (9): راڳ وغيره ساز سرود جي آواز ٻڌڻ کان پاڻ کي بچائيندو رهي. بلڪ دل کي ڪلام الٰهي يا توحيد جي شعرن ٻڌڻ ڏانهن مائل رکي، جو ان سان روح خوش ٿيندو رهي ٿو ۽ انهيءَ سبب کان وجد حقيقي پيدا به ٿيندو آهي. تحقيق وجد جو تفصيل رسالہ وجد ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ۽ جيڪو گهري اتي ڏسي سگهي ٿو.

طريقو (10): دل کي تمام دنياوي ڪمن کان ڦيرائي خدا تعاليٰ جي طرف متوجه ڪري ۽ جيڪا شي پياري هجي تنهن کي

خدا جي راهہ ۾ فدا ڪري لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿۹۲﴾- چڱائي ڪي ايسين ڪڏهن نہ پهچنديؤ جيسين جن شين کي دوست رکندا آهيو تن مان الله جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪريو- ۽ ماسوي الله کي پنهنجي دل ۾ جاءِ نہ ڏئي تان جو حلاوت ايمان جي پيدا ٿئي ۽ مخلوقات کي خاص الله ڪارڻ دوست رکي ۽ ڪوئي بہ دنياوي غرض ان ۾ نہ هجي. ثَلٰثٌ من كُنَّ فِيهِ وَجَدَ........ حَلاوَةَ الْاِيْمَان.

طريقہ (11): جيڪڏهن سالڪ کي خلق چڱو سڏي ۽ سندس تعريف ڪن تہ خوش نہ ٿئي ۽ نہ ئي مغرور ٿئي ڇو تہ ان ۾ رياءُ آهي ۽ شرڪ ڳجهو آهي. جهڙيءَ طرح سان نزول هن آيت شريف جو دليل ٿو ڪري وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾.

طريقہ (12): جيڪڏهن نفس کان ڪا برائي پيدا ٿئي تہ ان کي سخت عذاب وارو ڪري جيئن آئنده اهڙي فحش کان پاسو ڪري.

طريقہ (13): جيڪڏهن سلوڪ جي رستي ۾ خويش قريب ۽ دوست وغيره ڦري وڃن تہ ڪجهہ بہ انهن جي طرف نہ واجهائي ۽ نہ پنهنجي دل ۾ انهن ڏي ڪو لاڙو رکي بلڪ نوڙت زياده ڪندو رهي.

طريقہ (14): سالڪ کي لازم آهي تہ قضا ۽ قدرت تي راضي رهي ۽

Scanned with CamScanner

شاڪر رهي ۽ ڪنهن بہ طرح غرض ۽ طمع دل ۾ نہ رکي ۽ دوستن جي خوش ھجڻ کان شاد ۽ دشمن جي تڪليف کان تنگ دل نہ ٿئي.

طريقو (15): حالت عاجزي ۽ بيچارگيءَ ۾ پنهنجي عزت خوشي ۽ چڱائي ڄاڻي ۽ ظاهر جي خرابي ۾ باطن جي چڱائي ۽ آبادي تلاش ڪري.

طريقو (16): ڪنهن ظالم جو جيڪڏهن مٿس ظلم ٿئي تہ ان ۾ صبر ڪري ۽ ان جي بدلي وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪري ۽ دشمن کي دوست ڄاڻي.

طريقو (17): ٻن نصيحت کي نيڪ ۽ لازم پڪڙي هڪ تہ پنهنجي نفس کي ٻيو تہ دوستن کي نهايت ڪوشش سان سمجهائي ڪري.

طريقو (18): جيستائين بک چڱيءَ طرح نہ لڳي ماني نہ کائي. ۽ ننڊ جو غلبہ جيستائين نہ ٿئي تيستائين نہ سمهي ۽ سواءِ ذڪر خدا جي ۽ ڳالهين انبياءِ جي ۽ اولياءَ جي زبان نہ هلائي.

طريقو (19): پنهنجي عبادت ۽ چڱي راهہ تي هلڻ جي تعريف نہ ڪري هميشہ فقر ۽ بزرگان دين جي خدمت ۾ مشغول رهي.

طريقو (20): خواهشمند ڪرامت ۽ خرق عادت جو نہ ٿئي جيڪڏهن ڪا ڪرامت ان کان ظاهر ٿئي تہ ان کي مشهور ۽ ظاهر نہ ڪري توڙي ماڻهو ان کي چون بہ تہ هي ڪرامت توهان کان ٿي آهي. تڏهن بہ انڪار ڪري هميشہ مڪر ۽ حيلہ شيطان کان بچندو رهي جو هر وقت ڪوشش ۽ تاڪيد ۾ لڳو رهي.

طريقو (21): سالڪ کي لازم آهي تہ پنهنجي بزرگي هميشہ فقراءَ جي

Scanned with CamScanner

صحبت ۾ خوشي ۾ سمجهي ۽ دولتمندن کان پري رهي.
هميشه پنهنجي يادگيرين ۾ رهي هڪ ته ياد الٰهي ڪندو رهي ٻيو
موت کي ياد ڪندو رهي جو موت خدا وٽ پهچائڻ وارو آهي.
طريقه (22): سالڪ کي لازم آهي ته جيئن به ٿي سگهي علم کان فائدو
حاصل ڪري ۽ جاهل ۽ نادان جي صحبت کان بچي.
طريقه (23): جيڪڏهن نماز نفلي ياد ۽ استغراق الٰهي ۾ هجي ته نه پڙهي.
طريقه (24): شهوت جي نظر سان ڪنهن کي نه ڏسي.
طريقه (25): جنهن ٽولي ۾ هجي اتي هر هڪ شخص کان پاڻ کي
گهٽ ڄاڻي.
طريقه (26): نيڪ خلق ۽ آدمين کي مڙني خصلتن ۽ عادتن ۾ بهتر ۽
چڱو ڄاڻي بردباري ۽ نوڙت زياده ڪندو رهي.
طريقه (27): جيڪي ڏسي ۽ ٻڌي سواءِ خدا جي ٻيو ڪجهه نه ڄاڻي چو
ته سيني شين ۾ ان جي قدرت جلوه گر آهي.
طريقه (28): پاڻ کي ناچيز ۽ نابود ڄاڻي ۽ خدا تعاليٰ کي هر جاءِ
موجود ڄاڻي.
طريقه (29): پنهنجي مڙئي چڱائي ۽ نيڪ بختي مجاهده رياضت
محاسبه ۽ مراقبه ۾ ڄاڻي.
طريقه (30): سيڪو لحظ ۽ ساعت چڱين ڳالهين درود شريف ياد الٰهي
۽ نگهباني ڪرڻ وقتن ۾ مشغول رهي ۽ ڪنهن به وقت
بيڪار نه ويهي ايتري قدر ڪوشش ڪري جو فنائي
مطلق پيدا ٿئي.
طريقه (31): سالڪ کي لازم آهي ته پهريائين لقمه حرام کان بچي ۽

وڏي آواز سان ڪلام نہ ڪري اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ ﴿۱۹﴾

طريقہ (32): ڪنھن بہ شخص کي ڪنھن بہ طرح جو ايذاءُ نہ ڏيئي.

طريقہ (33): سالڪ کي لازم آھي تہ صحبت ۽ فراغت غنيمت ڄاڻي ۽ دنيا کي مثل ٻڪري کان زياده حقير ۽ ذليل ڄاڻي ۽ دنيا جي بيھڪ کي مثل مسافر وڻ ھيٺان ويھڻ جي سمجھي.

طريقہ (34): سالڪ کي لازم آھي تہ جيڪي مقدر ھُجي يعني جيڪي قدرت واري ڪيو ھجي ان تي صابر ۽ شاڪر رھي ۽ حريص نہ ٿئي.

طريق (35): سالڪ کي گھرجي تہ ڪوڙ نہ ڳالھائي سواءِ سچ جي ڪلام نہ ڪري ۽ دل کي ماسوىٰ جي خطرن کان بچائي.

طريقہ (36): سالڪ کي گھرجي تہ پيٽ ڀري نہ کائي فقط ٽيون حصو گھرج جو کائي.

طريقو (37): سالڪ کي لازم آھي تہ سوال ڪرڻ کان گھڻو بچي ڪنھن طرح ڪنھن کان بہ سوال نہ ڪري اشارةً ھجي يا ڪنايه سيني ڪمن کي حق تعالىٰ جي سپرد ڪجي سچائي کي پنھنجو فخر سمجھي چو تہ سلوڪ بغير سچائي جي طئي نہ ٿيندو ۽ پنھنجي تنگي وغيره ڪنھن سان ظاھر نہ ڪري توڙي کھڙو بہ دوست ھجي.

طريقہ (38): سيني اميدن کي قطع ڪري ھڪ ئي اميد رکي يعني باري تعالىٰ.

طريقہ (39): ڪينہ بغض ۽ شڪ کان پنھنجي دل کي پاڪ رکي ۽

Scanned with CamScanner

ڪنهن جي نعمت جو زوال نہ گهري، پنهنجن مؤمنن ڀائرن سان دوستي ۽ محبت سان پيش اچي خصوصاً پنهنجن يارن طريقت وارن سان.

طريقو (40): امانت ۾ خيانت نہ ڪري بي فائده ۽ بيهوده ڪلام نہ ڪري خود بيني ۽ پاڻ کي عجيب سمجهڻ کان پاسو ڪري ۽ انهن کي پنهنجي دل ۾ دخل نہ ڏئي.

فصل ٻيو

انهن آدابن جي بيان ۾ جيڪي مريد کي مرشد کان ڪرڻ گهرجن:

آداب 1: مُريد کي لازم آهي تہ قوم، رسم ۽ پيشہ وغيره مرشد جي ظاهري ڳالهہ تي نظر نہ ڪري ۽ مرشد کي هادي وسيلہ معرفت حق جاڻي ۽ اها نعمت ۽ فيض جو الله تعالىٰ ان کي عطا فرمايو آهي ان تي نظر ڪري ۽ مرشد کي هادي وسيلہ معرفت حق سبحانهٗ و تعالىٰ جو جاڻي ۽ هر وقت هر حال ۾ مخلص صاحب اعتقاد ۽ طالب رضا مرشد جو رهي تان جو اصلي مقصد کي پهچي جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ محروم رهندو.

آداب 2: پير کي حقير نہ جاڻي توڙي ظاهر ۾ ڪا حشمت يا دبدبو دنياوي ۽ اهليت ظاهري نہ هجي بلڪ غني آخرت جو ۽ بادشاهہ معرفت جو جاڻي ۽ ڪنهن شخص کي ان زماني ۾ زياده بزرگ ۽ فاضل نہ سمجهي، پنهنجي پير کان وڌ نہ جاڻي ۽ ڪمال صدق ۽ يقين سان ان جو تابعداري رهي. تان جو شعلئہ معرفت نور اِن جي دل تي چمڪي ۽ حقائق ۽ اسرار الٰهي کان واقف ٿئي جيڪڏهن ائين نہ ڪندو تہ محروم رهندو.

Scanned with CamScanner

آداب 3: ڪوئي بہ ڪلمہ هلڪائي ۽ ناپسندگي جو پير جي حق ۾ نہ چوي ۽ نسبت خامي ۽ نقص جي ان جي طرف نہ ڪري توڙي عرفان ان جي سمجهہ ۾ ڪجهہ نہ اچي ڇو تہ استعداد طالبن جو مختلف آهي يعني مناسبت حال پير جي ڪان رکندا آهن ۽ بعضي ڪجهہ مناسب نہ رکندا آهن تہ ان کي پريل نعمت ۽ دولت جو ڇاٽي ۽ پاڻ کي بي سمجهہ ۽ بي نصيبي جي طرف نسبت ڪري

آداب 4: مرشد سان ڪلام ٿورو ۽ ضروري آهستگي ۽ نرمي ۽ ادب سان چوي بلند آواز ۽ ڍگهو تصو نہ ڪرڻ گهرجي ۽ جو ڪجهہ مرشد چوي ان کي غور سان هڏي تامل ۽ صبر ڪري تاڪہ نڪتا حقيقت جا طالب جي دل تي کلن.

آداب 5: اٿڻ ۽ ويهڻ جي وقت ان جي طرف پٺي نہ ڪري تاڪہ قابل فيض ۽ رحمت الٰهي جو ٿئي ۽ عبادت ظاهري تي استقامت پيدا ٿئي

آداب 6: مرشد جي ويهڻ واري جاءِ تي نہ ويهي ۽ جيڪو ادب روبرو بجا آڻي ڪيي تاڪہ خودي پيدا نہ ٿئي ۽ اسرار عجيب غريب کلي پون.

آداب 7: ان جي پاڇي تي قدم نہ رکي تاڪہ دل ڪليل ٿئي پير جي حاضري ۾ دوزانو باادب ٿي مثل عاجزن ۽ بکين جي ويهي ۽ هيڏي هوڏي نہ ڏسي تاڪہ فيض الٰهي جو سماع ڏسي.

آداب 8: ان جي طرف پير نہ ڪري پوءِ توڙي زنده هجي يا انتقال ڪري ويو هجي انتقال ڪرڻ کان پوءِ بہ اهوئي ادب بجا آڻيندو رهي جو ان جي حضور ۾ ڪندو هو تاڪہ دولت سرمد حاصل ٿئي ۽ صفت جمال جي جلوه ڪري

آداب 9: يقين ڪامل ڪنهن قسم جو شڪ شبهہ ان تي نہ آڻي ۽ ان جي

Scanned with CamScanner

سيني قولن ۽ فعلن کي ثواب ڄاڻي، جيڪڏهن اتفاقاً ڪو نفساني شيطاني وسواس اچي ته ان کي دور ڪري ۽ توبهه ڪري ۽ قصه مهتر حضرت خضر عليه السلام ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جو ياد ڪري تاڪه يقين ڪامل ٿئي ۽ راهه معرفت جي حاصل ٿئي.

آداب 10: صحبت نيڪ اختيار ڪري جو نڪتا معرفت جا ٻڌندو رهي ان ۾ فڪر ۽ غور ڪري ان کي پنهنجي حالت جي مقابل ڪري تاڪه بصيرت ۽ فهم زياده ٿئي تحصيل علوم دنياوي کان پڇي تاڪه حضوري حق جل وَعلیٰ حاصل ٿئي.

آداب 11: ان جي صحبت ۾ بغير موڪل ۽ رضا جي ڪلام نه ڪري ۽ همه تن ان جي طرف متوجهه ٿي ويهي ۽ جو ڪجهه هو چوي ان کي خوب غور سان ٻڌي تاڪه صاحب شعور ٿئي ۽ معاملات عجيب و غريب ظاهر ٿين.

آداب 12: حضور جي سڄي ڪيي ڏانهن نه ڏسي بلڪه منتظر ان جي فضل جو رهي تاڪه ان جي شفقت پيدا ٿئي ۽ فيض باطن کان فائده مند ٿئي.

آداب 13: ان جي اڳيان سر هيٺ ڪري با ادب ويٺو رهي ۽ عاجزي ۽ غريبيءَ کي ڪم ۾ آڻي تاڪه مهل جو ٿئي ۽ ان جي نظران تي اثر ڪري نه ته ڪجهه فائدو نه ٿيندو.

آداب 14: ڪلام قدسي ان جو چڱي طرح ٻڌي تاڪه دل منور ٿئي ۽ علم، عمل، حلم ۽ هوش زياده ٿئي.

آداب 15: ان کان اڳ ۾ نه هلي ۽ پويان هلڻ ۾ شرم نه ڪري بلڪ ان کي هميشه جي نيڪ بختي ۽ دولت سرمدي ڄاڻي تاڪ ان جي دولت بهره مند ٿئي.

Scanned with CamScanner

آداب 16: ان جي اچڻ وقت پاڻ بہ اٿي ۽ ان جي ويهڻ کانپوءِ ويهي ۽ نالو
ان جو نہ وٺي تاڪہ صاحب مروت ۽ صلاحيت جو ٿئي.

آداب 17: ان جي متابعت ڪرڻ ۾ گهڻي ڪوشش ڪري ۽ ظاهر باطن
پنهنجو تعلق ان سان رکي تاڪہ ان سان مناسبت پيدا ٿئي
ڇو تہ ان جي مناسبت الله تعاليٰ جي مناسبت آهي.

آداب 18: اتفاقاً جيڪي خلاف شريعت ان کان پيدا ٿئي ان جي پيروي نہ
ڪري ۽ ان جو اعتراض ڪري شايد متان ان جي سمجهہ ۾ نہ اچي
يا ڪنهن حالت ۾ حالتن صوفيہ کان پيدا ٿيو هجي ان صورت ۾ هو
عذر وارو آهي يا طالب جي سمجهہ ۾ شرع جي خلاف معلوم ٿئي ۽
دراصل اهو خلاف شريعت نہ آهي يا واسطي امتحان طالب جي ان
کان سر زد ٿئي يا ٻيو ڪو سبب هجي.

آداب 19: جا حالت مرشد جي ان جي استعداد کان اعليٰ آهي ۽ هي ان
مقام کي نہ ٿو پهچي تہ ان جي تقليد ۽ پيروي ڪرڻ درست نہ
آهي جيستائين ان مقام کي نہ ٿو پهچي. متابعت قولي کي تہ
هر گز نہ ڇڏي جو سبب درد فيضان ۽ خوشيءَ جو آهي.

آدب 20: ان جي خدمت گذاري ۾ تصور نہ ڪري ۽ نہ ان تي احسان
رکي ۽ ڪنهن طرح جي فضيلت ۽ ان کان زياده خيال موافق
ڄاڻڻ گهرجي ۽ پنهنجي بہ خيال نہ ڪري ۽ پاڻ کي فاني
مطلق ۽ فدائي اتم ان جو ڪري تاڪہ مرتبہ قبوليت جو
حاصل ٿئي ۽ سعادت ان جي کان حصہ وٺي.

آداب 21: ڪم ڪرڻ جي مزدوري نہ وٺي ۽ نہ ثواب آخرة جو خيال
ڪري تاڪہ واٿ اخلاص جي پيدا ٿئي.

آداب 22: ڪوئي ڪم سواءِ آذن ان جي نہ ڪري ۽ طالب رضا ۽ خوش

Scanned with CamScanner

نودي جو ٿئي.

آداب 23: ان جي ملڪ ۽ مال جو طالب نہ ٿئي نہ طمع رکي تاڪہ دل غني ٿئي ۽ توفيق توڪل جي پيدا ٿئي نہ تہ حرص ۽ هوا ۾ ڦٽي ويندو.

آداب 24: ان جي خويش ۽ اقربا قريبن کي ٻي مخلوقات کان بهتر ڄاڻي ۽ هميشہ مخلص ۽ معتقد ان جو رهي تاڪہ اهل فضل ۽ عزت وارن مان ٿئي.

آداب 25: ان جي دوستن ۽ محبن کي دوست ۽ عزيز رکي ۽ بدگوئي ۽ دشمن ان جي کان بچي تاڪہ صاحب استقامت جو ٿئي ۽ پنهنجي عقيدي ۽ طريقہ تي ثابت قدم رهي تاڪہ سلوڪ جي دولت کان واڃ لهي.

آداب 26: ان جي فرمانن تي عمل ڪندو رهي ۽ ڪنهن حالتن ۾ ان کي نہ ڇڏي ۽ هميشہ ان جي صحبت ۾ حضوري ۾ ثابت قدم رهي تاڪہ راهہ وصال جي حاصل ٿئي ۽ علم الوهيت خبردار ٿئي.

آداب 27: ان جي شفقت ۽ مرحمت تي مغرور نہ ٿئي ۽ هيبت ۽ خوف کان دل خالي نہ ڪري ۽ فريب ۾ نہ پوي ۽ سئين رستي تي هلي.

آداب 28: فهم برائي ظاهري ان کان ملول نہ ٿئي يعني طالب کي ناقص عقل جي سببان ڪا شيخ جي طرف برائي معلوم ٿئي تہ ان جو خيال نہ ڪري ۽ دل جان سان ان جو مخلص رهي تاڪہ فريب شيطان جي کان بي خوف رهي ۽ ڪل ضلالت ۽ هلاڪت کان ٻاهر اچي نہ تہ هرگز ان کان خلاصي يا ڪو ڇوٽڪارو نہ لهندو.

آداب 29: ان جي خدمت ڪرڻ کان ۽ ان جي بزرگي کان انڪار نہ ڪري ۽

زبان گلا ۽ طعنہ جي ان جي حق ۾ نہ ڪولي ۽ خالص مخلص طالب ان جي ڪمال جو ٿئي. تاڪہ راہ سلوڪ جي بخوبي طئي ٿئي.

آداب 30: ان جي اڳيان ۽ پٺيان هڪ جهڙو رهي ۽ ڪنهن طرح رياء کي دخل نہ ڏئي تاڪہ دولت سرمدي هٿ آڻي.

آداب 31: ظاهر ۽ باطن پنهنجو هڪ طرح تي رکي ۽ ڪنهن بہ قسم جو فرق مابين يعني دل ۽ زبان جي وچ ۾ نہ آڻي زبان ۽ دل ۾ فرق نہ آڻي هر حالت هڪجهڙو هجي تاڪہ دل منور ٿئي ۽ اسرار الٰهي منڪشف ٿين ۽ حاصل ٿين.

آداب 32: ان جي حضوري ۾ فاسد خيال ۽ ناقص وهم دل ۾ نہ آڻي بلڪ پنهنجي دل کي ڦيرائي ان جي طرف متوجهہ ڪري تاڪہ دل فيض الٰهي جي نازل ٿيڻ جي جاءِ بڻجي ۽ مڪاشفات غيبي دل تي ظاهر ٿين.

آداب 33: ان جي خدمت پنهنجي حوصلہ ۽ طاقت موافق ڪري تاڪہ طبيعت ۾ ڪا پريشاني يا ملال نہ اچي ۽ جو ڪجهہ تي سگهي جان ۽ مال ان جي روبرو پيش ڪري تاڪہ ان جي رضا ۽ راہ مقصد اصلي جي حاصل ٿئي.

آداب 34: جيڪڏهن ڪوئي مرتبہ يا مقصد عنايت ٿئي واسطي الله جي قبول ڪري ڪوئي خيال دُنيوي دل ۾ نہ آڻي هن ڪان سواءِ هيٺيان ادب بہ ضروري آهن.

آداب 35: پير جي خاص برتن ۽ ڪپڙن وغيره کي پنهنجي ڪم نہ آڻي جيڪڏهن اجازت هجي تہ جائز آهي.

آداب 36: پير جي خاص مصلي تي نماز نہ پڙهي.

آداب 37: پير جي سامهون ويهي عضون جو ڪنهڻ، نڪ صفا ڪرڻ ۽

يا نڪ ۾ آڱريون نہ وجهڻ کپي.

آداب 38: پير جي سامهون ماني نہ کائي، نڪي پاڻي پيئي.

آداب 39: پير کائڻ ۾ مشغول هجي تہ پري ويهڻ گهرجي.

آداب 40: پير جي موجودگي ۾ نفلي نماز ورد وظيفہ سواءِ اجازت ۽ موڪل جي ڪرڻ نہ کپي.

آداب 41: پير جي موجودگيءَ ۾ سواءِ موڪل جي امامت نہ ڪري

آداب 42: پير جي چهري مبارڪ تي نظر دلبر سان نہ ڏسي مگر جيڪڏهن سبب محبت جي ڪان مجبور هجي تہ شرمسار اکين سان زيارت ڪري.

آداب 43: پير ڪان رفتار ۾ اڳي نہ وڌي ۽ ان جي قدم تي قدم نہ رکي.

آداب 44: پير جي برتن ۾ جا شيءِ اچي تہ ان کي قدر جي نظر سان ڏسي.

آداب 45: پير جي جتي جوڙي مبارڪ سان پنهنجي ملائي نہ رکي بلڪ ادب ضروري آهي.

آداب 46: پير جي دارالخلا ۾ پيشاب نہ ڪري.

آداب 47: پنهنجي علميت يا ڪسب جو فخر پير جي بيان نہ ڪري تاڪ سلوڪ ۾ فرق نہ اچي ۽ طالب دنياوي فائدن جو نہ ٿئي تاڪ ان جي نعمت ڪان محروم نہ رهي.

آداب 48: جڏهن ڪنهن جي بيعت ڪري تہ ڇئن ڪمن جي ڳالهين جو لحاظ ضرور رکي اول هي تہ ان کي ڪنهن ڪامل شيخ سان نسبت هجي پيو تہ صاحب اجازت جو هجي ٽيون تابعداري شريعت جي بہ ان کي حاصل هجي. چوٿون ان جي طريقت جو سلسلہ واسطہ بواسطہ آنحضرت ﷺ تائين هجي وچ ۾ ڪنهن بہ هنڌ منقطع ٿيل نہ هجي جيڪڏهن ڇئن

ڳالهين مان ڪابہ هڪ ڳالهہ ان ۾ نہ هوندي تہ ان شيخ وٽان
معرفت جي راهہ طئي ڪرڻ محال آهي ۽ ان جي بيعت ڪرڻ
مان ڪجهہ بہ فائدو نہ ٿيندو.

آداب 49: جڏهن بہ مرشد حقيقي هن دار فاني کان دارالبقا ڏي رحلت
فرمائي تہ ان کان بعد هديہ صدقہ ۽ ثواب تلاوت وغيره جو ان
جي روح پر فتوح کي پهچائيندو رهي. تاڪ درخت اخلاص ۽
محبت جو قطع نہ ٿئي ۽ تعلق روحاني باقي رهي.

هٰذَا مِمَّا عَلَّمَنِي رَبِّي وَعِلْمُ الثَّوَابِ عِنْدَ رَبِّي وَصَلَّى اللّٰه تعالىٰ عَلىٰ
خَيْرِ خَلْقِهٖ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلم

شريعت، طريقت حقيقت معرفت

ظاهري علم شريعت آهي علم باطن جو يعني علم دل جو طريقت آهي جنهن سان توحيد الهٰي جا اسرار کلن ٿا ۽ هي معلوم ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ هميشہ گڏ آهي ۽ قائم آهي بهشت ۽ دوزخ جا اسرار ۽ اولياء الله جا مرتبا ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا مطلب مڪشوف ٿين ٿا انهيءَ کي معرفت چئجي ٿو حقيقت الهٰي انهيءَ کي چئجي ٿو جو ڏسڻ سان الله جي عبادت ڪري سلوڪ ۾ سڀ کان پهريون مرتبہ شريعت آهي. سالڪ کي لازم آهي تہ پهريائين شريعت جي شرطن جي محافظت ڪري ۽ تمام ڪوشش ڪري انهي ڪري سندس همت بلند ٿيندي ۽ شريعت جي برڪت سبب انهيءَ تان طريقت روشني نظرايندي ۽ جڏهن طريقت جا بخوبي حق ادا ڪيا ويندا تہ انهيءَ جي برڪت سبحان حق تعاليٰ ان جي دل تان پردا لاهي ڇڏيندو جنهن ڪري مڪاشفاتِ

Scanned with CamScanner

حقيقت ان جي مٿان منڪشف ٿيندي. شريعت معاملات جي حفاظت جو نالو آهي ۽ خصائل ذيمہ کان دل کي پاڪ ڪرڻ جو نالو طريقت آهي، نماز ۾ قبلہ ڏي منهن ڪرڻ شريعت آهي ۽ خدا جي راهہ ۾ دل کي متوجهہ ڪرڻ طريقت آهي: قال رسول الله ﷺ اَلشَّرِيْعَتُ اَقْوَالِيْ وَالطَّرِيْقَتُ اَفْعَالِيْ وَالْحَقِيْقَتُ اَحْوَالِيْ۔ رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ شريعت منهنجو اقوال آهي طريقت منهنجو افعال آهي ۽ حقيقت منهنجو احوال آهي. حقيقت بغير شريعت جي ضايع آهي ۽ شريعت بغير حقيقت جي بيڪار آهي دل جي جهل جو غبار تيستائين دور نہ ٿو ٿئي جيستائين ٻنهي جا حق ادا نہ ڪيا وڃن. منزل مقصود تائين پهچڻ محال آهي ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ باوجود حقيقت جي شريعت فضول آهي اُهي ملحد آهن انهن جو چوڻ تہ هرگز پورو نہ آهي جا حقيقت اهڙي هوندي جنهن ۾ پابندي شريعت جي نہ هوندي تہ اها نامقبول آهي شريعت اها جو اڻ ڏٺي عبادت ڪري ۽ حقيقت اها آهي جا ڏسڻ سان الله تعاليٰ جي عبادت ڪري سالڪ هر چند عبادت زهد تقويٰ اختيار ڪري جيستائين پنهنجي هستي دور نہ ڪندو واصل باخدا نہ ٿي سگهندو ۽ عبادت جي لذت کان بہ محروم رهندو ۽ شريعت جو علم بہ ان کي حاصل نہ ٿي سگهندو جو شخص حقيقت جي رُتبہ کي پهچي ويندو ان کي يقين سان معلوم ٿي ويندو تہ شريعت عين حقيقت آهي مگر هي رمز قيل وقال سان نہ کلندي آهي بلڪ ڪشف سان معلوم ٿئي ٿو ۽ ڪشف تيستائين حاصل نہ ٿو ٿئي جيستائين فضل الهٰى شامل نہ ٿئي. علامت ڪشف جي هي آهي جو مالڪ هڪ لحمہ بہ بنا رياضت ۽ عبادت ۽ مجاهده خالي نہ هوندو ۽ وار برابر بہ

Scanned with CamScanner

شريعت کان پري نہ هوندو ان جي تمام عمر عبادت عبوديت ۽ اتباع سنت ۾ گذري وڃي ٿي. الله تعاليٰ توفيق ڪري جو شريعت تي مستقيم رهون ان کان وڏيڪ ڪو رتبہ نہ آهي جو متابعت حبيبِ حق ميسر ٿئي عارف اهو شخص آهي جو وار برابر بہ اتباع شريعت کان انحرافي نہ ڪري ۽ اهڙو ڪوبہ امر ان کان ظاهر نہ ٿئي جو مرضي خدا ۽ رسول جي خلاف هجي ۽ اهڙو ڪوبہ فعل صادر نہ ٿئي جو خدا ۽ رسول ﷺ جي برخلاف هجي اهل الله کان سُڪُر ۽ بيخودي جي حالت ۾ ڪوئي اهڙو ڪلام يا فعل نہ ٿيندو. جو خلاف شرع جي هجي ان جي وَجہ هي آهي جو شريعت ۾ ان کي ڪمال استغراق هوندو جهڙي طرح سَهوَ جي حالت ۾ جنهن قسم جو خيال يا عادت هوندي سَڪر جي حالت ۾ بہ اها ساڳي ظهور ۾ اچي ٿي جهڙي طرح ڪنهن ماڻهو جي عادت ڪنهن کي گار ڏيڻ جي ٿئي ٿي تہ اهو شراب پيئڻ وقت بہ ساڳيون گاريون ڏيندو رهندو جهڙي ان جي عادت هوندي اهڙي طرح ڪندو مگر انهيءَ کي ان وقت معلوم نہ آهي تہ مان گاريون ڏئي رهيون آهيان.

بيعت

طالب کي پهريائين ٻہ رڪعتون نيت توبهہ پڙهائجن تنهن کان پوءِ قبلہ شريف سامهون ويهي پوءِ ارواح طيب حضرت خواجگان نقشبنديہ کي ختمہ چئجي پوءِ ان جو هٿ وٺي اَسْتَغْفِرُاللهَ رَبِّي مِنْ كُلِّ ذَنْبٍ وَّاَتُوْبُ اِلَيْهِ ٹي دفعہ پڙهائجي ۽ معنيٰ سمجهائجي پوءِ ڪلمہ شهادت پڙهائجي پوءِ هئن چوائجي تہ چئو تہ مان حضرت خواجگان نقشبنديہ جي حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ تائين بيعت ڪئي هن امر تي تہ ارڪان خمسہ يعني ڪلمہ طيب نماز روزہ، حج، زڪوات تي قائم

رهندس ۽ شرڪ، چوري، زنا، خون ناحق ڪوڙ بهتان کان دور رهندس پوءِ چئجي تہ اکيون بند ڪر زبان کي تارونءَ سان لاءِ ۽ خطرن کان دل کي پاڪ ڪر ۽ خيال ڪر تہ پير جي لطيفہ قلب مان فيض اچي ٿو منهنجي قلب ۾ ۽ دل واري زبان سان اللہُ اللہُ ڪر يعني هر وقت دل جي زبان سان اَللہُ اللہُ يعني هر وقت اٿي ويٺي سمهي گهمي هر وقت هر حال ۾ الله الله ڪندو ڪندو رهہ. پوءِ پير توجهہ ڏيڻ وقت پنهنجي قلب کي مريد جي قلب کي مقابل ڪري ۽ تصور ڪري تہ ذڪر ۽ جذبہ منهنجي قلب جي لطيفہ ۾ قرار پذير آهي ۽ مريد جي قلب ۾ وڃي رهيو آهي. ايتري دير تائين توجهہ ڏئي تقريباً بہ سوَدم جي شمار ۾ اچي پوءِ خير ۽ برڪت لاءِ فاتح پڙهي وڃي پوءِ مريد کي آداب طريقت سمجهايو وڃي ۽ کيس تاڪيد ڪجي تہ صحبت بد کان پاسي رهي ٿي ٿي دفعہ توجهہ هر لطيفہ کي ڏجي عورتن کان هنن قسمن جا شرط وٺڻ گهرجن: (1) شرڪ يعني خدا سان ٻيو شريڪ نہ ڪرڻ، (2)عبادت ۾ رياءُ رکڻ اهو بہ شرڪ آهي، (3) چوري مرد جي موڪل کانسواءِ ان جو مال کپائڻ، (4) عورت پنهنجي عزيزن کي مڙس جو مال چوري ڏيڻ، (5) غير محرم کان پنهنجون اکيون ڍڪڻ، بي پرده ٻاهر نہ نڪرڻ ۽ ڏاڍيان نہ ڳالهائڻ، (6) ناحق خون ڪرڻ، (7) ڪنهن تي ڪوڙ بهتان ٻڌڻ، (8) رسول اللهﷺ جي نافرنامي نہ ڪرڻ، ڳائڻ کان باز رهڻ.

دل جي سياهي جو نشان

دل جي سياهيءَ جو نشانو هيءُ آهي تہ گناهہ ڪرڻ کان دل کي ڊپ نہ ٿو ٿئي ۽ عبادت ۾ لذت نہ ٿي اچي ۽ نصيحت ڪرڻ سان اثر نٿو ٿئي، هي خيال رکڻ گهرجي تہ حضرت آدم عليہ السلام بہ [redacted] ڪيو ۽ ابليس لعين بہ گناهہ ڪيو مگر حضرت آدم عليہ السلام توبهہ ڪئي ۽ شيطان

تڪبر جي ڪري توبهه نه ڪئي. آدم عليه السلام ٻه سو سال پنهنجي گناهه جي ڪري گريه ڪيو ۽ چوندو رهيو ته: رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا۫ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ.
يعني اي رب اسان جا ظلم ڪيو اسان نفسن پنهنجن تي ۽ جيڪڏهن اسان کي نه بخشيندين ۽ رحم نه ڪندين ته البت اسان هونداسُون زيان ڪارڻ مان هي حال ان شخص جو آهي جو اُولُو الاعظم آهي ۽ پيغمبر آهي ۽ گناهه فقط هڪ هو باقي عام جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ هڪ گناهه لاءِ ٻه سو ورهه روئڻ پوءِ جيڪي هڪ گهڙي گناهه ٿا ڪن ۽ ڪڏهن هڪ ڳوڙهو به اکين انهن مان نه وهيو آهي طالب هر گهڙي توبهه ڪندو رهي توبهه ڪرڻ جي نيت هيءَ آهي جو پهريائين غسل ڪري پاڪ ڪپڙا ڍڪي پوءِ چار رڪعتون نماز پڙهي نهايت خشوع خضوع ۽ دل جي حضور سان سرزمين تي رکي سر ۽ منهن تي خاڪ ملي دل بريان وچشم گريان سان وڏي آواز سان هر هڪ گناهه جو ان کان ٿيو هجي نالو وٺي ۽ نفس کي ملامت ڪري ۽ چوي ته اي نفس توکي ايتري طاقت آهي جو خدا تعاليٰ جو عذاب سهي سگهين؟ يا تو وٽ ڪو اهڙو عمل آهي جو ان عذاب کي روڪي سگهين. انهيءَ طرح ٻيا ڪلمه به توبهه جا چوي پوءِ هٿ کڻي مناجات ڪري ته الٰهي هي بنده تنهنجي در تي آيو آهي. يا الٰهي تنهنجو گنهگار بنده تنهنجي ئي سامهون آهي ۽ عرض ڪري ٿو تون بخش گناهه منهنجا سڀ پنهنجي فضل سان ۽ آئينده گناهن کان بچاءِ تمام نيڪيون تنهنجي هٿ ۾ آهن. تون قدرت وارو ۽ بخشڻ وارو آهين. وڏو مهربان آهين.

نصيحت

جهڙي طرح نيڪن جي صحبت سان هڪ ساعت ۾ اهو فائدو حاصل ٿئي

Scanned with CamScanner

ٿو جو ستر ورهن جي خلوت ۾ به نه آهي تهڙيءَ طرح فاسقن جي صحبت جي هڪ گهڙي سان ستر ورهن جي خلوت عبادت ضايع ٿي وڃي ٿي.

ٻئي ماڻهوءَ جي حال معلوم ڪرڻ جي ترتيب

پهريائين پنهنجي دل کي تمام خيالات کان پاڪ ۽ صاف ڪري پوءِ عجز ۽ تضرع سان باري تعاليٰ جي صفت علمي جي طرف توجه ڪري التجا ڪري ته يا عَليم يا خبير مون کي هي شخص جو سامهون ويٺو آهي ان جي باطن جو احوال معلوم ڪريو پوءِ توجه ڪري ويهي پوءِ جو احوال پنهنجي دل تي وارد ٿئي ڄاڻي ته هي حال هن سامهون ويٺل شخص جو آهي.

ميت جو حال معلوم ڪرڻ

احوال ميت جي معلوم ڪرڻ جو به ساڳيو آهي فرق رڳو هيءَ آهي جو پٺ قبله ڏي ڪري ميت جي سيني برابر قبر جي نزديڪ ويهي پهريائين. ميت جي روح کي فاتح بخشي قضا ٻن قسمن جي ٿيندي آهي، هڪ قضا مبرح جو قطعي آهي جو ڪنهن دوا يا دعا سان ٽري نه ٿي سگهي ٻي قضا معلق جو نبي يا ولي جي دعا سان يا طبيب جي دوا سان ٽري وڃي ٿي.

دعائون سعادت

- دعا وقت سج اڀرڻ جي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَزْ قَالَنَا یَوْمَنَا هٰذَا وَلَمْ یُهْلِكْنَا بِذُنُوْبِنَا.

- دعا وقت سج لهڻ جي:

اَللّٰهُمَّ هٰذَا اِقْبَالُ لَيْلِكَ وَاِدْبَارُ نَهَارِكَ وَاَصْوَاتُ دُعَائِكَ فَاغْفِرْلِیْ.

- گهر ۾ اچڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیٓ اَسْئَلُكَ خَيْرَ الْمَولِجِ وَخَيْرَ الْمُخْرَجِ بِسْمِ اللّٰهِ وَنَجَّنَا وَبِسْمِ اللّٰهِ وَعَلَى اللّٰهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا.

- گھر کان ٻاھر نڪرڻ جي:

بِسْمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ.

- سمھڻ وقت دعا:

اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَاَحْيٰی.

- دعا ننڊ مان اٿڻ جي وقت:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْٓ اَحْيَانَا بَعْدَمَا اَمَاتَنَا وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ.

- دعا پائخاني ۾ وڃڻ جي دل ۾ پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیٓ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ.

- دعا پائخاني مان ٻاھر نڪرڻ جي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَذْهَبَ عَنِّی الْاَذٰی وَعَافَانِیْ غُفْرَانَكَ.

- دعا بد خوابن جي لهڻ جي:

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ وَشَرِّ هٰذِهِ الرُّؤْيَا

- دعا وضوع جي شروع ڪرڻ جي:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ جَعَلَ الْمَاءَ شَرِطَهُوْرًا

- دعا ڱرڙي ڪرڻ جي:

اَللّٰهُمَّ اَعِنِّیْ عَلٰی ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَتِلَاوَتِ كِتَابِكَ

- نڪ ۾ پاڻي وجهڻ وقت دعا:

اَللّٰهُمَّ اَرِحْنِیْ رَائِحَةَ الْجَنَّةِ وَلَا تُرِحْنِیْ رَائِحَةَ النَّارِ

- منهن ڌوئڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ بَيِّضْ وَجْهِي يَوْمَ تَبيَضُ وُجُوْهٌ وَتَسْوَدُّ وَجُوْهٌ

- سڄي پاسي ڌوئڻ وقت دعا:

اَللّٰهُمَّ اَعطِنِيْ كِتَابِيْ بِيَمِيْنِيْ وَحَاسِبْنِيْ حِسَابًا يَسِيْراً

- کٻي پاسي ڌوئڻ وقت دعا:

اللّٰهُمَّ لَاتعطِنِيْ كِتَابِيْ بِشِمالِيْ وَلَامِنْ وَرَاءِ ظَهرِيْ وَلَّاتُحَاسِبْنِيْ حِساباً عَسيراً

- مٿي جي مسح وقت دعا:

اَللّٰهُمَّ حَرِمْ شَعْرِيْ وَبِشْرِيْ عَلَى النَّارِ

- ڪنن جي مسح وقت دعا:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِيْ مِنَ الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُونَ الْقولَ وَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَه

- گردن جي مسح وقت دعا:

اَللّٰهُمَّ اعْتِقْ رَقَبَتِيْ مِنَ النَّارِ

- پيرن ڌوئڻ جي وقت دعا:

اَللّٰهُمَّ ثَبِّتْ قَدَمِيْ عَلَى الصِراطِ يَومَ تَزِلُّ فِيْهِ الْاَقْدَامُ

- وضو جي وچ ۾ دعا:

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِي ذَنبِيْ وَوَسِّعْ لِي فِي دَارِيْ وَبَارِكْ لِي فِي رِزْقِيْ

- وضوءَ بعد دعا:

اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيكَ لَهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّداً عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِي مِنَ التَّوَّابِيْنَ وَاجْعَلْنِي مِنَ الْمُتَطَهِرِيْنَ سُبْحَانَكَ اَللّٰهُمَّ وَبِحمْدِكَ اَشْهَدُ

Scanned with CamScanner

اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنۡتَ اَسۡتَغۡفِرُكَ وَاَتُوۡبُ اِلَيۡكَ

- صبح جي نماز لاءِ وڃڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اجۡعَلۡ فِيۡ قَلۡبِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ لِسَانِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ بَصَرِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ سَمۡعِيۡ نُوۡراً وَعَنۡ يَمِيۡنِيۡ نُوۡراً وَعَنۡ شِمَالِيۡ نُوۡراً وَخَلۡفِيۡ نُوۡراً وَاجۡعَلۡ لِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ عصبِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ لَحۡمِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ دَمِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ شَعۡرِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ بشرِيۡ نُوۡراً وَفِيۡ لِسانِيۡ نُوۡراً وَاجۡعَلۡ فِيۡ نَفۡسِيۡ نُوۡراً واعظم لِيۡ نُوۡراً وَاجۡعَلۡنِيۡ نُوۡراً وَاجۡعَلۡ مِنۡ فَوۡقِيۡ نُوۡراً وَمِنۡ تَحۡتِيۡ نُوۡراً اَللّٰهُمَّ اَعۡطِنِيۡ نُوۡراً

- مسجد ۾ وڃڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ لِيۡ اَبۡوَابَ رَحۡمَتِكَ

- مسجد مان نڪرڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَسۡئَلُكَ مِنۡ فَضۡلِكَ وَرَحۡمَتِكَ

- دعا نماز چاشت:

اَللّٰهُمَّ بِكَ اَحاوِلُ وبِكَ اَصاوِلُ وَبِكَ اقاتِلُ

- استخاره عورت جي نڪاح:

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ تَقۡدِرُ وَلَا أَقۡدِرُ وَتَعۡلَمُ وَلَا اَعۡلَمُ

- استخاره عورت جي نڪاح ڪرڻ پهريان ٻه رڪعتون پڙهي تنهن کان بعد هي دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ تَقۡدِرُ وَلَا أَقۡدِرُ وَتَعۡلَمُ وَلَا اَعۡلَمُ وَاَنۡتَ عَلَّامُ

Scanned with CamScanner

اَلْغُيُوبِ فَاِنْ رَأَيتَ اَنَّ فِي فُلاَنِتِهٖ خَيْرًا لِي فِي دِينِي وَدُنيايَ
وَاٰخِرَتِي فَاقْدِرْ هَالِي.

- دعا قبل خلوت: خلوت جي وقت يا غلام خريد ڪرڻ وقت يا جانور خريد ڪرڻ وقت ان جي پيشاني جا وار وٺي هي پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّي اَسئلكَ مِنْ خَيرِهَا وَخَيرِمَا جبلتها عليه
اَعُوذبِكَ مِن شَرِهَا وَشَرِمَا جبلتها عليه

- دعا جماع:

بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُمَّ جَنِبْنَا الشَّيْطَانَ وَجَنِبِ الشَّيْطَانَ مَا رَزَقْتَنَا

- انزال وقت دل ۾ هي پڙهي:

اَللّٰهُمَّ لَا تَجْعَلْ لِلشيْطَانِ فِيمَا رَزَقْتَنِي نَصِيبًا

- ماني کائڻ وقت دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ وَعَلٰى بَرَكَتِ اللّٰهِ

- ماني کائڻ وچ ۾ پڙهي:

اَلْحَمدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَطْعَمَنَا وَسَقْنَا وَاجْعَلنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ

- ماني کائي پوري ڪري تہ پڙهي:

اَلحمدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هُوَ اَشْبَعَنَا وَاَرْوَانَا وَاَنْعَمَ عَلَينَا وَاَفْضَلَ

- کائڻ وقت بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهڻ وسري وڃي تہ هي پڙهي:

بِسْمِ اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ

- جڏهن ڪنهن بيمار سان يا آفت رسيل سان گڏجي کائي تہ هي پڙهي:

Scanned with CamScanner

بِسْمِ اللّٰهِ ثِقتَه بِاللّٰه وَ تَوَكَّلًا عَلَيْهِ

- ماني کائڻ بعد هي دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ بَارِكَ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا فِيْهِ

- دعوت کائڻ وقت هي دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اَطْعِمْ مَنْ اَطْعَمَنِيْ وَاسْقِ مَنْ سَقَانِيْ

- ڪپڙي پائڻ وقت دعا:

اَلحمدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ كَسَانِيْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّيْ وَلَاقُوة

- جڏهن ڪنهن دوست کي نئون ڪپڙو پائيندو ڏسي تہ هي دعا پڙهي:

قَلْبِيْ وَيخلف اللّٰهُ ابل وَاخلق ثم ابل وا خلق

- جڏهن ڪنهن کان موڪلائي تہ هيءُ دعا پڙهي:

اَسْتودَعَ اللّٰهِ دِينكَ وَاَمَانَتَكَ وَخواتِيْمُ عَمَلِكَ

- جڏهن سواريءَ تي چڱي طرح ويهي رهي پڙهي

سُبْحَانَ الَّذِىْ سَخَّرَ لَناَ هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهٗ مَقْرِنِين وَاِنَّا اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ.

- دعا عمليات حضرت رسول ڪريم ﷺ فرمايو آهي تہ ڪنهن بہ حاجت پوري ڪرڻ لاءِ سورة يٰسٓ هن نموني پڙهي مفيد آهي:

پهريان ٽي ڀيرا درود شريف پڙهي پوءِ لفظ يٰسٓ جو پڙهي جڏهن مبين تي اچي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ کان نَسْتَعِين تاءِ پڙهي ۽ شهادت آڱر پنهنجي مٿي ڪري ۽ اذان جا الفاظ چوي پوءِ وري مبين کان اڳتي پڙهي پوءِ جڏهن سَلٰمٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ تي اچي تہ ست ڀيرا يا سلام

يا رب يا رحيم پڙهي جو هر هڪ اسم کي ست ڀيرا پڙهي پوءِ جڏهن

ذٰلِكَ تَقۡدِيۡرُ الۡعَزِيۡزِ الۡعَلِيۡمِ تي اچي تہ ان آيت کي ست ست ڀيرا

چوي جڏهن مثلهم تي اچي تہ ان ڪلمہ کي ٽي ڀيرا پڙهي ۽ سورة تمام

ٽيڻ ڪان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ کان نستعين تائين پڙهي ۽

شهادت آڱر جو اشارو ڪري ۽ پڻ الفاظ آذان جا ۽ الحمد سارو پورو

ڪري ۽ درود شريف لاحول ـ ذُوالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَامِ يَا اَرۡحَمَ

الرّٰاحِمِيۡنَ. لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنۡتَ سُبۡحٰنَكَ ۖ اِنِّيۡ كُنۡتُ مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ يعني

هر هڪ اسم کي 100 ڀيرا پڙهي پوءِ ٽي ڀيرا درود شريف پڙهي ۽ ان جو

ثواب جناب حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعاليٰ عنہ کي بخشي ۽

الله پاڪ جي دربار مان ان سورة جي وسيلي سان پنهنجي حاجت گهري

جي جواب ملي ويو تہ بس ۽ جيڪڏهن نہ مليو تہ چاليهہ ڏينهن برابر پوري

ڪري پڙهي سورة مزمل پڙهڻ جو طريقہ پهريائين يَا اَيُّهَا الۡمُزَّمِّلُ پڙهي

ان کان پوءِ زَمِّلۡنِيۡ زَمِّلۡنِيۡ زَمِّلۡنِيۡ بِقُدۡرَةِ الۡخَفِيۡ وَاَدۡرِكۡنِيۡ فِيۡ قَضَاءِ

حَاجَتِيۡ يَا اَحۡمَدُ 41 دفعہ صبح جي نماز کان پوءِ يا عصر مغرب، مغرب

عشاءِ جي وچ ۾ پڙهي ۽ جيڪڏهن تمام سورت جو عمل ڪرڻو هجي تہ

موڪل پڙهي يا الله يا اسرافيل يا سموطيشا بحق يا الله يا بدوح

يا جبرائيل پوءِ چوي قُمِ الَّيۡلَ اِلَّا قَلِيۡلًا نصف آخر تائين جڏهن

Scanned with CamScanner

رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ تي اچي تہ ان کي يارهن ڀيرا پڙهي ۽ جڏهن

ڪلمہ سَبِيلاً تي اچي تہ عَزِيْزِ الْوَهَّابِ 500 ڀيرا پڙهي اول ۽ آخر ۾

درود شريف 47 ڀيرا اهڙيءَ طرح هن سورت کي چاليهہ ڀيرا پڙهي ۽

ڪنهن ڪان پنهنجي حاجت نہ گهري سواءِ الله پاڪ جي.

مٿي جي سُور جو علاج: جنهن کي مٿي ۾ سور هجي تہ سور واري جاءِ تي

هٿ رکي ٽي يا ست ڀيرا هي دعا پڙهي بِسْمِ اللهِ خَيْرِ الْأَسْمَاءِ بِسْمِ

اللهِ رَبِّ الْأَرْضِ وَرَبِّ السَّمَاءِ بِسْمِ اللهِ الَّذِي اِسْمُهُ بَرَكَتٌ

وَشِفَاءٌ بِسْمِ اللهِ الَّذِي بِيَدِهِ الشِّفَاءُ بِسْمِ اللهِ الَّذِي لَا يَضُرُّ

مَعَ اِسْمِهِ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَالسَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ

جن جي دفع ڪرڻ جو علاج: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ هٰذَا الْكِتَابِ

مِنْ مُحَمَّدٍ رسُولِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ اِلٰى مَنْ ترکَ الدَّارَ مِنَ

الْعِمَارِ وَالزُّوَّارِ وَالسَّائِحِيْنَ اِلَّا طَارِقاً يطرق بِخَيْرٍ يَارَحْمٰنُ اَمَّا

بَعْدُ فَاِنَ لَنَا وَلَكُمْ فِي الحق سعداً فَاِن تك عَاشِقًا مُولعًا اَو

فَاجِرا مُقْتَحِمًا اَوْرَاعِيًا حَقًا مُبتَلاً هٰذَا كِتَابُ اللهِ يَنطِقُ

عَلَيناَ وعَليكُم بالحقِ اِنَّا كُنا نَسْتَنْسِخُ مَا كُنْتُم تَعْمَلُونَ

وَرُسُلَنَا يَكْتِبُوْنَ مَا تمكُرُونَ اُتركُوا صَاحِبَ كِتَابِيْ

هٰذا وانطلقوا الیٰ عبدة الاصنام والیٰ من یزعم انّ مع اللّٰہ
الٰھا اٰخر لا الٰہ الا ھو کل شیء ھالک الا وجھہ لہ الحکم
والیہ ترجعون تقلبون حٰمٓ لا تنصرون حٰمٓ عٓسٓقٓ تفرق اعداء
اللّٰہ وبلغت حجة اللّٰہ ولا حول ولا قوة الا باللّٰہ فسیکفیکھم
اللّٰہ وھو السمیع العلیم ۝ هي لکي جنّ واري جي ڳچيءَ ۾ وجهي.

ڀڳل غلام کي حاضر ڪرڻ جو علاج: لوهي قفل تي 21 ڀيرا سورت فاتحہ پڙهي ۽ غلام جو نالو بہ وٺي قفل بند ڪري پوءِ هڪڙي نئين ديڳڙي ۾ پاڻي ۽ قفل وجهي ديڳڙي تي رکي ۽ هيٺان سارو ڏينهن باهہ ٻاري تہ انشاءَ الله غلام حاضر ٿيندو هر حاجت لاءِ هر نماز کان پوءِ 200 ڀيرا هي بيت پڙهي تہ حاجت پوري ٿئي اهي بيت هي آهن:

ای زلف سیاہ تو بلائے دل من وی لعل بست گرہ کشائی دل من۔
من دل نہ ہم بکس برائی تو تو دل نہ ہی بکس برائے دل من۔

پائخانہ ۽ پيشاب بند ٿيڻ لاءِ علاج: ڪر ڪرو ۽ پٽري نيڪال واسطي هي دعا لکي مريض کي پيئارجي تہ بندش سڀ کلي ويندي بسم اللّٰہ
الرحمٰن الرحیم وبست الجبال بسا ۝ فکانت ھبآء منبثا ۝
وحملت الارض والجبال فدکتا دکة واحدة ۝ (ایضا) قل
کونوا حجارة او حدیدا ۝ او خلقا مما یکبر فی صدورکم
فسیقولون من یعیدنا قل الذی فطرکم اول مرة

Scanned with CamScanner

فَسَيُنْغِضُوْنَ اِلَيْكَ رُءُوْسَهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هُوَ ؕ قُلْ عَسٰٓى اَنْ

يَّكُوْنَ قَرِيْبًا ﴿٥١﴾ (ايضاً) هي آيت بہ لکي پيارجي وَاِذِ اسْتَسْقٰى

مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ فَقُلْنَا اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ؕ فَانْفَجَرَتْ

مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا۔ ايضاً (سورة الهٰكم التكاثر) بہ مفيد آهي

متين بيماري لاءِ پيشاب جي بندش لاءِ علاج فَفَتَحْنَآ اَبْوَابَ

السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنْهَمِرٍ ﴿١١﴾ وَّفَجَّرْنَا الْاَرْضَ عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ

عَلٰٓى اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ﴿١٢﴾ لکي ڳچيءَ ۾ ٻڌي

علاج سلسل بول ۾ خون جاري ٿيڻ ۾ حيض جو زياده هجڻ ۾ نکهير

جو جاري ٿيڻ وغيره لکي مريض کي پيئارجي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ

الرَّحِيْمِ وَقِيْلَ يٰٓاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ الْمَآءُ

وَقُضِيَ الْاَمْرُ۔ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ

يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ۔بدمزاج اولاد جي واسطي لکي ڳچيءَ ۾

ٻڌي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ

سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿٢٥﴾ يَوْمَئِذٍ يَّتَّبِعُوْنَ الدَّاعِيَ لَا عِوَجَ لَهٗ ۚ

وَخَشَعَتِ الْاَصْوَاتُ لِلرَّحْمٰنِ فَلَا تَسْمَعُ اِلَّا هَمْسًا ﴿١٠٨﴾

Scanned with CamScanner

نظر بد لاءِ علاج: هلدي يعني ڪيترين ڳنڍين تي ٽي ڀيرا ڪلم الاسلام حق وَالۡكُفۡرُ بَاطِلٌ پڙهي دم ڪري پوءِ ٻاھ ۾ وجهي مريض کي ڏئي ڇيڇڪ لاءِ ست داڻا چانورن جا سالم هجن پوءِ هر هڪ چانور تي ست ڀيرا سورة ڪوثر پڙهي ۽ اول ۽ آخر ۾ ٽي ڀيرا درود شريف پڙهي پوءِ بيمار کي کارائي ڇڏي

مٽي جي سور جو علاج: مريض جي سور تي يا باسط لکي تہ سُور ڇڏي ويندو. ڪنهن کي بہ راضي ڪرڻ جي علاج ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن کان ناراض ٿيو هجي تہ اسم يا ودود هر روز هزار ڀيرا پڙهي. اول آخر درود يارهن ڀيرا پڙهي. دفعہ حاجات ۽ غائب جي حاضر ڪرڻ ۽ شفا هر هڪ مرض جي جو علاج صبح جي نماز سنت ۽ فرض جي وچ 41 ڀيرا سورة فاتحہ پڙهي.

دافعہ ڇتي ڪتي جي علاج لاءِ جنهن کي ڇتو ڪتو کائي تہ پوءِ هن جو علاج هن ريت آهي هڪ سڄي ماني کي چاليهہ ٽڪر ڪري پوءِ هر هڪ ٽڪر تي اِنَّهُمۡ يَكِيۡدُوۡنَ كَيۡدًا ﴿۱۵﴾ وَّاَكِيۡدُ كَيۡدًا ﴿۱۶﴾ فَمَهِّلِ الۡكٰفِرِيۡنَ اَمۡهِلۡهُمۡ رُوَيۡدًا اها آيت لکي هر هڪ ٽڪر روزانہ ڪتي کاڌل ماڻهو کي کارائجي 40 ڏينهن برابر جو شخص بادشاهہ کان خوف يا ٻچ ۽ ڏر رکندڙ هجي تنهن جو علاج هن طرح آهي جو ڇو كٓهٰيٰعٓصٓ ڪيفت ۾ هر حرف سان سڄي هٿ جون آڱريون بند ڪري ۽ حٰمٓعٓسٓقٓ سُميت ڇئي هر حرف سان کٻي هٿ جون آڱريون بند ڪري پوءِ جنهن شخص کان خوف رکندڙ هجي ان جي سامهون وڃي ۽ جڏهن روبرو اچي تہ پنهنجا ٻئي هٿ کولي ڇڏي هر مرض لاءِ هنن ڇهن آيتن کي آيات شفا

Scanned with CamScanner

چوندا آهن. جو چيني جي پيالي ۾ يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ ۾ لکي پاڻيءَ سان ڌوئي مريض کي پياري ست ڏينهن اهي آيات هي آهن: وَيَشۡفِ صُدُوۡرَ قَوۡمٍ مُّؤۡمِنِيۡنَ - وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوۡرِ- يَخۡرُجُ مِنۡۢ بُطُوۡنِهَا شَرَابٌ مُّخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهٗ فِيۡهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ- وَنُنَزِّلُ مِنَ الۡقُرۡاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحۡمَةٌ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ- وَاِذَا مَرِضۡتُ فَهُوَ يَشۡفِيۡنِ- قُلۡ هُوَ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا هُدًى وَّشِفَآءٌ- هر قسم جي نفعي لاءِ قرآن شريف ۾ 33 آيتون آهن. يعني جادو ٽيل شيطاني اثر چور درنده جانور انهن جي دفعي ڪرڻ واسطي لکي پيارجي يا مريض تي دم ڪري يا مريض کي چوي ته پاڻ پڙهي بالڪل محبوب آهي. آن حضرت ﷺ فرمائين ٿا ته جو شخص هنن آيتن شريفن کي هڪ ڀيرو صبح ۽ هڪ ڀيرو شام جو پڙهندو رهي ته اهو الله پاڪ جي امان ۾ رهندو ۽ ڪنهن اسم يا دعا جو اثر ان تي نه ٿيندو ۽ شيطان ۽ بدخواهن جي شر کان محفوظ رهندو اهي آيات هي آهن4. آيات سورة بقرة ۽ آية الڪرسي ۾ ۽ ٻه آيات بعد آيت الڪرسي ۾ خالدون تائين ڪي ٽي آيتون آخر سورة بقره ۾ لله مافی السمٰوٰت کان آخر تائين 3 آيتون سورة اعراف ۾ ان رَبَّكُمُ الله کان مُحسنين تائين ۽ سورة بني اسرائيل جي قُلِ ادۡعُوا اللهَ اَوِ ادۡعُوا الرَّحۡمٰنَ کان آخر تائين ۽ 10 آيتون اول صافات کان لازب تائين ٻه آيتون سورة الرحمن ۾ يا معشر الجن کان تنتصران تائين ۽ آخر سورة حشر جي لو انزلانا کان آخر تائين ۽ ٻه آيتون سورة جن ۾ قل اوحي کان شططاً تائين ۽ هنن آيتن جو نالو ثلٰثٌ وَثلٰثُونَ آهي ۽ بعضي هي آيات

زياده ڪندا آهن. سورة فاتحہ سورة ڪافرون ۽ سورة اخلاص سورتون معوذتين ۽ سورة الجن ۾ قل اُوحي ڪان شَطَطاً تائين.

مرض چيچڪ لاءِ علاج: جنهن وقت چيچڪ جو مرض ظاهر ٿئي تہ ان وقت سائو يا نيرو ڌاڳو آڻي جو اهو ڌاڳو ايترو هجي جو تُڪذبانِ ڪلمہ جي برابر اچي جو اهو ڪلمہ سورة الرحمن ۾ آهي پوءِ سورة الرحمان کي پڙهي جڏهن فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ تي اچي تہ پوءِ انهيءَ ڌاڳي تي دم ڪري ۽ ڳنڍ ڏئي اهڙيءَ ريت ساري سورة پڙهي پوءِ بيمار جي ڳچي ۾ ٻڌي هر حاجات لاءِ علاج يا بديع العجائب بالخير يا بديعُ 1200 ڀيرا ٻارهن ڏينهن تائين ختم ڪري. الله تعاليٰ مرض ضرور دفعہ ڪندو ۽ حاجت پوري ٿيندي. رنج پهچائيندڙ حاجات جي دفعہ لاءِ علاج چار رڪعتون هن ريت پڙهي پهرين رڪعت ۾ سورة فاتحہ بعد 100 ڀيرا لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ وَنَجَّيْنٰهُ مِنَ الْغَمِّ وَكَذٰلِكَ نُـْجِي الْمُؤْمِنِيْنَ ۽ ٻيءَ رڪعت ۾ 100 ڀيرا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ۽ ٽئين رڪعت ۾ 100 ڀيرا وَاُفَوِّضُ اَمْرِيْٓ اِلَى اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌ بِالْعِبَادِ ۽ چوٿين رڪعت ۾ 100 ڀيرا وَّقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ پڙهي ۽ چار رڪعتون پڙهي سلام ورائي پوءِ 100 ڀيرا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ پڙهي جن ۽ شيطان جو گهر پٽر ۽ پٽر اجلائڻ تن جي

Scanned with CamScanner

روڪڻ جو علاج هي آيت اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ﴿١٥﴾ وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ﴿١٦﴾

فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا - تائين چار ميخان لوهہ جون آڻي ۽ هر

هڪ ميخ تي 25 ڀيرا پڙهي دم ڪري پوءِ اهي ميخان چئني ڪنڊن گهر

جي ۾ دفن ڪري. ايضاً علاج اصحاب ڪهف جا نالا ڪاغذ تي لکي

چئني طرفن گهر جي پٽين تي چنبڙائي ڇڏي جن عورتن کي رڳو ڌيءُ جي

اولاد ٿئي ۽ پٽ جي اولاد نہ هجي تنهن جو علاج عورت جي پيٽ تي

شهادت آڱر سان گول ليڪا ستر ڀيرا ڇڪي ۽ آڱر ڦيرائڻ وقت يامتين

چوندو رهي جيڪا عورت سنڍ هجي تنهن جو علاج هرڻ جي جهلي تي

گلاب ۽ زعفران سان هي آيت لکي چيلهہ ۾ ٻڌي تہ حمل وٺي وَلَوْ اَنَّ

قُرْاٰنًا سُيِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ اَوْ قُطِّعَتْ بِهِ الْاَرْضُ اَوْ كُلِّمَ بِهِ

الْمَوْتٰى ۭ بَلْ لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِيْعًا-ايضاً لونگ جي چاليهن داڻن تي هي

آيت پڙهي اوڪظلمات کان نور تائين جو هر هڪ داڻي تي ست ست ڀيرا

پڙهي تنهن کان پوءِ حيض کان پاڪ ٿئي ۽ غسل ڪري پوءِ هڪ داڻو

کائي ۽ مڙس سان خلوت گوشہ بہ ٿئي. حمل جي حفاظت لاءِ 41 تندون

ڌاڳي جون زعفران ۾ رڱي جو اهي تندون عورت جي قد برابر هجن پوءِ هي

آيت شريف پڙهي وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۽ سورت قُلْ يٰۤاَيُّهَا

الْكٰفِرُوْنَ ست ڀيرا دم ڪري ۽ هر هڪ ڀيري سان ڌاڳي کي ڳنڍ

ڏئي پوءِ عورت چيلهہ ۾ ٻڌي ويم جي درد جي علاج هڪ ڪاغذ تي هي

آيت وَاَلْقَتْ مَا فِيْهَا وَتَخَلَّتْ ﴿٤﴾ وَاَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ-اِهيا

اِشۡرَاَهُبَاً پاڪ ڪپڙي ۾ ٻڌي پوءِ عورت جي کٻيءَ ران ۾ ٻڌي ته آساني سان ٻار ايندو. جنهن عورت کي ڏيئرون پيون پيدا ٿين ۽ پٽ جو نالو به نه ڏسي تنهن جو علاج ڪجي ته الله جي فضل سان پٽ پيدا ٿيندا. يعني ٽي مهينا حمل ٿيڻ کان اڳ هرڻ جي جهلي ۾ گلاب ۽ زعفران سان هي آيات شريف لکي اَللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا يَحۡمِلُ كُلُّ اُنۡثٰى وَمَا تَغِيۡضُ الۡاَرۡحَامُ وَمَا تَزۡدَادُ وَكُلُّ شَىۡءٍ عِنۡدَهٗ بِمِقۡدَارٍ ۝۸ عٰلِمُ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ الۡكَبِيۡرُ الۡمُتَعَالِ - يٰزَكَرِيَّاۤ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ِۨاسۡمُهٗ يَحۡيٰى ۙ لَمۡ نَجۡعَلۡ لَّهٗ مِنۡ قَبۡلُ سَمِيًّا تائين وري ٿين آيت بحق مريم و عيسىٰ ربنا طويل العمر بحق مُحمدٍ وَآلہٖ صلى الله تعالىٰ عليه وَعَلَيۡهَا وسلم اهي آيتون لکي عورت جي چيلهه ۾ ٻڌي ته انشاءَ الله الرحمن پٽ ڄمندو.

قرار حمل لاءِ علاج: اسم يَا مُبۡدِئُ ٽن ٽڪرن ڪاغذن جي تي لکي پوءِ مهيني جي پهرين تاريخ کائڻ گهرجن ٽين تاريخ تائين هڪ هڪ ٽڪرو کائي ختم ڪري ۽ هي آيت شريف أَللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا تَحۡمِلُ كُلُّ اُنۡثٰى کان الۡمُتَعَالِ تائين لکي چيلهه عورت جي ۾ ٻڌي ته الله جي فضل سان حمل قرار وٺندو.

جنهن عورت جي اولاد مرندي هجي ننڍي ٻچي تنهن جو علاج: جاڻ ۽ ڪارا مرچ پاءُ پاءُ هجن پوءِ ٻنهي تي سومر ڏينهن منجهند جو جو سورة

Scanned with CamScanner

والشمس چار ڀيرا پڙهي جو هر هڪ ڀيري سان اول ۽ آخر ۾ درود شريف پڙهندو رهي پوءِ ٿورو ٿورو ڪائڻ شروع ڪري جيئن ٻار جي ٻين ڇڏائڻ تائين ختم ٿي وڃن ته انشاءَ الله تعاليٰ ٻار جيئرو رهندو ۽ عمر وڏي ٿيندس.

جيڪو مريض لا علاج هجي تنهنجو علاج: سفيد پيالو چينيءَ جو هجي يا ڪو ٻيو پيالو هجي پوءِ ان ۾ هي لکي يا حيُّ حين لاحَيُ فِي ديمومته مُلِكُ و لِقائه يَاحيِ بعضي سورة فاتحہ زياده لکندا آهن اهو عمل 40 ڏينهن برابر لکي پياري ته شفا ٿيندي.

گم ٿيل شيءِ جي ملڻ لاءِ علاج: يا حفيظ 119 ڀيرا پڙهي ۽ ان جي گهٽ وڌ پرهڻ ۾ غفلت نہ ڪري ۽ 119 ڀيرا هي آيت شريف پڙهي يٰبُنَيَّ اِنَّهَآ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَأْتِ بِهَا اللّٰهُ ته انشاءَ الله گم ٿيل شيءِ ملندي.

بخار ڏڪڻ لاءِ علاج: جي آيتہ شريفہ آهي لکي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ بَراءَ ةٌ مِنَ اللّٰهِ العزيز الْحَكِيْمِ اِلٰى ام ملدم دَلِتِي تَاكُلُ اللَحمَ وَتَشْرَبُ الدَّمَ تُهشَمُ العظمَ اَمَّا بَعد يا ام ملدم اِن كنتِ مُؤمَنَةً فَبِحَقِ مُحمدٍ صلى الله عليه وسلم وَ ان كنت يَهُودِيةً فبحَقِ مُوسىٰ الكَلِيم عليه السلام وَاِن كُنت نصرانِيةً فَبِحقِ المسيح عيسىٰ ابن مريم عليهما السلام ان لا اكلتِ لفلان ابن فَلائِةٍ لحماً وَّلاشربت لَهٗ

Scanned with CamScanner

دَمًّا وَلاَ هشمت لهٗ عَظما وتحُول عنه الیٰ مَن اَتَّخَذَ مع اللّٰهِ

الٰهاً اٰخرَ لاَ اِلٰهَ اِلاَّ هُوَ الۡعَزِیزُ الۡحَکِیۡمُ واِلا فانت برئةً من الله

تعالیٰ واللّٰهُ بَرِیٌٔ مِنۡكَ حَسۡبنا اللّٰهَ وَنعمِ الوکِیلُ وَلاَحَوۡلَ

وَلاقُوۃَ اِلا باللّٰهِ العَلیِ العَظیم وصلی الله تعالیٰ عَلیٰ سیدنا

مُحمدٍ وَاٰلہٖ وَاصحابِہٖ وسلم تپ لاءِ مجرب علاج کٓهٰیٰعٓصٓ ذِکرُ

رحَمتِ رَبِكَ عَبدَہٗ ذکریا اِذ نادیٰ رَبهٗ خَفیاً کان شَقِیاً تائین

لکي متي ۾ ہڏي ۾ قُلۡنَا یٰنَارُکُوۡنِیۡ بَرۡدًا وَّسَلٰمًا عَلٰۤی اِبۡرٰهِیۡمَ لکي

پيئاري چڏجي ۽ خنا زير لاءِ علاج رتل چمڙي جي وٽ بيماري جي قد برابر

آٽي 41 ڳنڍيون ڏئي جو هر هڪ ڳنڍ ڏيڻ وقت هيٺ چئي بِسۡمِ اللّٰهِ

الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ اعوذ بِعِزَّةِ الله وَقوَّۃ اللّٰهِ عَظمَتهِ الله وَبُرهانِ

الله وَ سلطانِ اللّٰهِ و کنف اللّٰهِ وَجوارِ اللّٰهِ وَ اَمَانِ اللّٰهِ وَبَهَاءِ

اللّٰهِ وَجَلالِ اللّٰهِ وَ کَمالِ اللّٰهِ لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ مُحَمدُ رَسُولُ اللّٰهِ مِنۡ

شَرِ مَا اَجِدُ پوءِ ان چمڙي کي 41 ڳنڍيون ڏئي دم ڪري مريض جي

ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏي ضعف بصر لاءِ علاج هر نماز فرض کان پوءِ ٽي ڀيرا

پڙهي فَکَشَفۡنا عَنۡكَ غِطَائَكَ فَبَصَرُكَ الۡیومَ حَدِیدٌ پوءِ اک تي

شوڪاري دم ڪجي مرگهي لاءِ علاج ٽامي جي پٽ تي هڪ طرف کان

آچر ڏينهن پهرين ساعت ۾ یَا قَهَّارُ اَنۡتَ الَّذِی لاَیُطَاقُ اِنتقامهٗ

يَا قَهَّارُ ۽ ٻئي طرف کان يَا مُذِلَّ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ بِقَهْرِ عَزِيزٍ يا مُذِلَّ اُڪرائي ڪري ڳچيءَ ۾ پائي ڇڏجي.

بند خلاص ۽ مشڪل آسان لاءِ علاج: عشاءَ جي نماز کان پوءِ 6056 ڀيرا حَسْبُنَا اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ پڙهي ۽ صلواة تنجينا آخر تائين پڙهي تہ خلاصي پائيندو فتوحات لاءِ و تمام امراض لاءِ علاج.

الله	الله
يا محيطـــــط	
الله	



هي نقش کي لکي مريض کي پيئارجي ۽ ٻين امورن کان پاڪ صاف ڪپڙي ۾ ٻڌي سڄي بازو يا ڳچيءَ ۾ ٻڌي

درد مٿي جي لاءِ پيشانيءَ تي ٻڌي:

يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح
يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح
يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح
يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح
يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح
يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح	يابدوح
يا روح	يا روح	يا روح	يا روح	يا روح	يا روح

وصلي الله تعاليٰ خير خلقه محمد وآله واصحابه اجمعين

زال مڙس جي محبت لاءِ:

يحبونهم كحب الله يا غفار-1	والذين امنو اشد حبالله يا كريم14	والقيت عليك محبة مني يا كريم-11	انه لحب الخير لشديد يا ودود8
انه لحب الخير لشديد يا ودود-12	والقيت عليك محبة مني يا كريم-7	والذين امنوا اشد حبالله يا رحيم-2	يحبونهم كحب الله يا لطيف-13
والذين امنوا اشد حبالله يا لطيف6	يحبونهم كحب الله يا رحمٰن-9	انه الحب الخير لشديد يا رحيم16	والقيت عليك محبة مني يا رحمٰن3
والقيت كليك محبة مني يا رحمٰن-15	انه الحب الخير لشديد يا رحيم4	يحبونهم كحب الله يا كريم4	والذين امنوا اشد حبالله يا رحيم-10

مڙس سچي ڏوري ۾ پڙهي ۽ دعا کي خوشبوءِ لائي محبت ٿيندي.

بواسير لاءِ علاج: يَا رَحِيم كَل مَريَخ وَمُكرب وَغياثه ومعزه لکي پٽ پوبان چيلهه تي پڌي تہ فائدو ٿيندو. جڏهن عابد کي عبادت جي لذت اچي ٿي تہ اهو عبادت ۾ مشغول رهي ٿو مگر در حقيقت اهو حق جو عابد نہ آهي مگر عبادت جي عبادت ڪري ٿو.

سوال: نماز بي خطره ڪهڙي وقت ٿئي ٿي؟

جواب: جڏهن ماڻهو خطره کي خطره نہ سمجهي.

Scanned with CamScanner

در بيان ابدال: چهل ابدال تہ مشهور آهن مگر ست تن ۾ بيا بہ آهن. جن کي ابدال چئجي ٿو. ستن ولايتن جو انتظام انهن جي حوالي آهي يعني هر هڪ ولايت هر هڪ جي ماتحت آهي ۽ چار تن ۾ بيا بہ آهن. جن کي اوتار چئجي ٿو جي زمين جي چئني طرفن کان ميخان هنيون بيٺا آهن.

دربيان صوفي طريقہ: ٻي صدي هجري ۾ پهريون شخص جو صوفي هو تنهن جو نالو ابو هاشم هو ان جي پهرين جاءِ زمين شام ملڪ ۾ ٺاهي وئي جنهن جو نالو خانگاهہ رکيو ويو 161 سن هجري شام ملڪ ۾ پيدا ٿيو.

دربيان نماز: وضو ڪيئن ڪجي پهريائين هٿن کي دنيا کان ڌوئڻ ۽ مُنهن کي ۽ وات کي غيبت فحش ڪفر شرڪ خودي دوئي منهن ۽ زبان کان نہ نڪري جو نڪري تہ حق نڪري وات ڌوئڻ گهرجي، ڪبر، نخوت ۽ خود بيني کان نڪ ڌوئي جو ان ۾ بوءِ نہ اچي ۽ اکين کي بہ بصيرت ديد باطن غير جي ڏسڻ تي قادر نہ هجي، ٻنهي هٿن جي ٻانهن کي دنيا غبار جي آرائش کان هٿ آلوده نہ هجن پوءِ مسح وقت محبت کان سواءِ گنجائش نہ رهي، وري ڪنن جو مسح وقت فحش ڳالهيون نہ ٻڌي تہ حق ئي حق ٻڌي وري گردن جي مسح وقت طوق عبادت جو ڳلي ۾ وجهي وري ٻنهي پيرن ڌوئڻ وقت هيءُ خيال ڪري تہ چڪڙ دنيا ۽ غبار وچڻ واري جاءِ تي نہ وجي ۽ حق واسطي قدم کڻي تنهن کان بعد نماز ڪيئن پڙهجي؟ نماز جي نيت ڪري تڪبير چوي تنهن وقت تصور ڪري تہ مان نفس ۽ هستيءَ کي تڪبير وجهي رهيو آهيان جيئن جانورن کي تڪبير وجهجي ٿي. ۽ ايئن ڄاڻي جيئن حضرت ابراهيم خليل الله عليہ السلام پنهنجي پٽ کي ذبح ڪري رهيو هو. تيئن مان پنهنجي تن کي ذبح ڪري رهيو آهيان. ۽ ربّ جليل جي نالي قرباني ڪريان ٿو. تڪبير کان پوءِ جڏهن قيام ڪري تہ قيامت جو نمونو تصور

۾ آڻي تہ حضرت رب العالمين تخت تي جلوه گر آهي اڪيون ڏسي رهيون آهن ۽ ماڻهو خود صف در صف بيٺا آهن ۽ اعمالنامہ ترازيءَ ۾ تري رهيا آهن نيڪ ۽ بد جو حساب ٿي رهيو آهي. حساب باري تعاليٰ خود ڪري رهيو آهي تہ اي بنده! تو منهنجي لاءِ ڇا آندو آهي؟

ايتري مدت جو مون توکي دنيا ۾ ڇڏيو ۽ مهلت بہ ڏني تنهن ۾ تو ڪهڙو ڪم ڪيو جو منهنجي بارگاهہ معليٰ جي لائق هجي. کائڻ پيئڻ ڏسڻ ٻڌڻ هلڻ چلڻ ۽ بيشمار نعمتون توکي عطا ڪيون ويون انهن کي تو ڪهڙي نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪيو. توکي اشرف المخلوقات بڻايو ويو علم ۽ عقل جي زيور سان توکي آراستہ ڪيو ويو تہ منهنجي شناخت حاصل ڪر تو ڪو اهڙو ڪم ڪيو جو منهنجي شناخت لاءِ هجي.

بنده ڪوئي جواب نٿو ڏئي، بنده اهڙي طرح قيام ڪري رڪوع وقت شرمساريءَ کان ڪنڌ جهڪائي رڪوع ۾ بيهي ٿو ڪنهن کي مجال نہ آهي جو اهڙي ذوالجلال شهنشاه جي اڳيان ڪجهہ ڪُڇي سگهي.

اهڙيءَ طرح رڪوع ڪري، اهڙيءَ طرح ملڪُ الاعليٰ جي سامهون ان جي تقديس تحميد ۽ تسبيح پڙهي ٿو مالِڪ الملڪ جو درياءَ رحمت جو جوش ۾ اچي ٿو ۽ گرد و غبار کان ڌوئي وري فرمائي ٿو تہ هن وقت ندامت کان اهڙي طرح رڪوع ڪري ڪجهہ فائدو نہ ٿيندو.

اٿ شهنشاهہ جي حضور ۾ پورو پورو جواب ڏي تہ وري اٿي ٿو ۽ شرم جو ماريو خاڪ تي سر رکي سجده ڪري ٿو وري فرمان ٿئيس ٿو سر کڻي مٿي جواب ڏي تہ نماز روزه زڪوات وغيره تو ادا ڪيا يا نہ؟ ذري ذري جو حساب تو کان ورتو ويندو پوءِ ان وقت بنده کي اٿي بيهڻ جي طاقت نہ ٿي ٿئي ۽ انهيءَ هيبت ناڪ خطاب جي ڪري لرزش ۾ اچي ڪري پوي ٿو.

يعني قعده ڪري التحيات ۾ ويهي رهي ٿو ۽ ثنا ۽ تحية ڪري ٿو وري ڪو اهڙو هيبتناڪ آواز ربّ الجليل کان ٻڌڻ ۾ نہ اچي ٿو پر وري بارگاهہ ذوالجلال والاڪرام کان ندا اچي ٿي.

اي بنده! نيڪ نيڪ جواب ڏي مون کي. مون جو توکي بيشمار نعمتون عطا ڪيون انهن جو ڪهڙوشڪر ادا ڪيو؟ پنهنجي نفع نقصان جو پورو پورو جواب ڏي پوءِ بنده جواب ڏيڻ کان عاجز ٿي سڄي ڪبي ڏسي ٿو جنهن مان مراد سلام جي آهي پوءِ جماعت انبياءِ اولياء ڏسي ٿو ۽ عاجزي سان چوي ٿو تہ مان عظيم بلا ۽ سخت مصيبت ۾ گرفتار آهيان مون کي مَلڪُ الجبار ۽ واحد القهار جي ڪنهن ئي سوال جو جواب ٿي نہ ٿو سگهي پوءِ انبياء ڪرام جواب ڏيندس تہ هن جهان ۾ ڪوئي چارو ڪونہ آهي چاره يا جواب ڏيڻ جو اهوئي جهان هو جنهن ۾ تو غفلت ڪري اطاعت کان منهن موڙيو. هاڻي اسان ڪجهہ ڪري نہ ٿا سگهون تون پاڻ پنهنجن سوالن جوجواب ڏي اسان کان شفاعت جي اميد نہ رکي.

ذَالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَآءُ ترجمو: هي الله تعاليٰ جو فضل آهي جنهن کي گهري تنهن کي ڏئي. جن بزرگن کي سرور ڪائنات شفيع المذنبين رحمت للعالمين عليه السلام جي صحبت حاصل ٿئي تن کي صحابہ چئجي ٿو. ۽ جيڪي صحابن جي صحت کان مشرف ٿين ٿا تن کي تابعين چئجي ٿو ۽ جن کي تابعين جي صحبت حاصل ٿئي ٿي تن کي تبع تابعين چئجي ٿو. تبع تابعين کان پوءِ ماڻهو مختلف ٿي ويا ۽ بدعت شروع ٿي ويئي ۽ ماڻهو فرقہ فرقہ ٿيڻ لڳا جن جو انداز ٻاهتر فرقا آهن تن مان اهلسنت جي جماعت حق تي آهي.

دُعا مقبول بارگاهِ الٰهي ۾ ٿئي! آمين.

التجا بدرگاهِ خدا

برڪتِ نالن سڳورن ڪر دعا هرڪا قبول
يا رب پنهنجي رحمت بي انتها جي واسطي

ڪر دل منهنجي کي دائما ذاڪر بذڪر اسم ذات
اي خدا جمله مقدس اصفيا جي واسطي

نيڪين کان دور با درياءِ عصيان غرق هان
ڏي خلاصي اي خدا محمّد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي

اي خدا غفار سستيءَ جي ڪلفت کان بچاءِ
پنهنجي اڪمل ۽ فضل صاحب سخا جي واسطي

منهنجي دشمن کي مون تي اي خدا راحم بناءِ
پنهنجي رحماني رهيمي ۽ عطا جي واسطي

يا الاهي ڪار شيطاني کان مون کي دور ڪر
سڀ عمل مون کان ڪراءِ پنهنجي رضا جي واسطي

قبر ۾ آرام مون کي ابتدا کان ٿي عطا
اي خدا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي

آمين وَصلي الله تعاليٰ عليٰ خير خلقهٖ محمد والهٖ واصحابه اجمعين

مفت ملڻ جو پتو:
درگاهه نبي آباد لاڪا محله باگڙجي ضلع سکر سنڌ
Mob: 0301-3685809   0332-1378798

Design by Sultan Chandio

Scanned with CamScanner